REG NO. 3833
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) ڇنڇر 06 اپريل 2024 ع بمطابق 26 رمضان المبارڪ 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 312

چيني شهرين جي حفاظت بابت اجلاس، وزيراعظم پاران فول پروف سيڪيورٽي جي هدايت

وزيراعظم گهرو وزارت کي ملڪ ۾ دهشتگردي جي خاتمي ۽ صوبائي دهشتگردي جي خاتمي وارن ادارن جي وڌيڪ بهتري جي لاءِ صوبن سان تعاون وڌائڻ جي هدايت ڪئي

وزيراعظم ملڪي سيڪيورٽي خاص طور تي مختلف منصوبن تي ڪم ڪندڙ چيني شهرين جي سيڪيورٽي جي حوالي سان اجلاسن جو هر مهيني پاڻ جائزو وٺڻ جو فيصلو ڪيو

وزيراعظم سمورن سيڪيورٽي ادارن کي چيني شهرين جي سيڪيورٽي کي فول پروف بڻائڻ جي لاءِ قدمن جي پڻ هدايت ڪئي، سيڪيورٽي ايس او پيز جي باقاعدگي آڊٽ جي لاءِ هڪ جامع حڪمت عملي بڻائڻ جي هدايت

گهرو وزارت اجلاس ۾ وزيراعظم شهباز شريف ۽ اعليٰ قيادت کي ملڪي مجموعي امن ۽ سلامتي جي صورتحال ۽ وزارت جي ڪارڪردگي جي حوالي سان بريفنگ ڏني

دهشتگردي جي لعنت جي ملڪ مان خاتمي تائين ان جي خلاف جنگ جاري رکنداسين، هٿئين خالي فلسطيني ڀائرن ۽ ڀينرن سان يڪجهتي جو اظهار ڪريون ٿا: اجلاس ۾ ڳالهيون

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال جي حوالي سان اعليٰ سطحي اجلاس، وفاقي گهرو وزير، سيڪيورٽي ادارن جي سربراهن ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن جي شرڪت

اسلام آباد (م د) وزيراعظم محمد شهباز شريف سمورن سيڪيورٽي ادارن کي چيني شهرين جي سيڪيورٽي کي فول پروف بڻائڻ جي لاءِ قدم کڻڻ جي هدايت ڪندي چيو آهي ته دهشتگردي جي لعنت جي ملڪ مان خاتمي تائين ان جي خلاف جنگ جاري رکنداسين. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم جي صدارت ۾ ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال جي حوالي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سيڪيورٽي بابت اجلاس جي صدارت ڪندي

پيپلز پارٽي اڳوڻي وزيراعظم يوسف رضا گيلاني کي سينيٽ چيئرمين جو اميدوار نامزد ڪري ڇڏيو

اسلام آباد (م د) پاڪستان پيپلز پارٽي ۽ سينيٽر اڳواڻ ۽ اڳوڻي وزيراعظم يوسف رضا گيلاني کي چيئرمين سينيٽ جو اميدوار نامزد ڪري ڇڏيو آهي. چيئرمين پيپلز پارٽي سيڪريٽريٽ طرفان يوسف رضا گيلاني جي نامزدگي جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

مخالف ڌر عوام جي مسئلن جي حل ۽ ملڪي ترقيءَ لاءِ ذميوار ڪردار ادا ڪري: بلاول ڀٽو زرداري

اميد آهي ته قومي اسيمبلي ۾ چونڊيل نمائندا پنهنجو ڪردار ادا ڪندي حڪومت سان سهڪار ڪندا ته جيئن قومي مفاهمتي چارٽر، اقتصادي چارٽر ۽ عدالتي سڌارن تي ڪم ڪري عام ماڻهو کي انصاف ڏياري سگهجي

پاڪستان معاشي ۽ سڪيورٽي صورتحال جي حوالي سان مشڪل ۾ آهي، هاڻوڪي عام چونڊن ۾ عوام ڪنهن به پارٽي کي واضح اڪثريت نه ڏئي سيني کي گڏجي مسئلا حل ڪرڻ جو پيغام ڏنو آهي

عوام ڪنهن به پارٽي کي واضح اڪثريت نه ڏني، عوام چاهين ٿا ته سڀ گڏجي مسئلا حل ڪن ۽ پاڪستان کي جديد ملڪ بڻائين، عوام جا مسئلا حل ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح آهي

عدالت موقف اختيار ڪيو ته قائد عوام جو منصفاڻو ٽرائل نه ٿيو، ان ڪاميابي تي صدر آصف علي زرداري جا شڪر گذار آهيون، عوام جي ليڊر کي سندس زندگي ۾ انصاف ملندي ڏسڻ هر شهري جو خواب هو

صدر آصف علي زرداري ملڪ جو پهريون شهري آهي جيڪو ٻيو ڀيرو صدر چونڊيو ويو آهي، اسان بار بار ثابت ڪنداسين ته پاڪستان پيپلز پارٽي چئن صوبن جي زنجير آهي: لاڙڪاڻي ۾ تقريب کي خطاب

جيڪڏهن سياستدان ۽ ادارا پنهنجي حدن ۾ رهي ڪم ڪن ته پاڪستان ترقي ڪري سگهي ٿو ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ان سلسلي ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندي رهندي

لاڙڪاڻو (رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اپوزيشن کي صلاح ڏني آهي ته هو عوام کي درپيش مسئلن جي حل ۽ ملڪ جي ترقي ۽ استحڪام لاءِ ذميوار پارلياماني ڪردار ادا ڪري. عوام ڪين ووٽ ان لاءِ ناهي ڏنو ته اهي گاريون ڏيندا ۽ شور ڪنداوتن. ميڊيا سيل بلاول هائوس پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڀٽو هائوس نوديرو ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

لاڙڪاڻو: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري تقريب کي خطاب ڪندي

چيئرمين جوائنٽ چيفس جنرل ساحر شمشاد مرزا جي صدر سان ملاقات، عهدو سنڀالڻ تي مبارڪ ڏني

ملاقات ۾ دهشتگردي جي لعنت کي قوم جي سهڪار سان پاڙان پٽڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو

هٿياربند فوج اندرين ۽ ٻاهرين سيڪيورٽي چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿي: چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪاميٽي

مڪمل اعتماد آهي ته سيڪيورٽي فورسز اندرين ۽ ٻاهرين سيڪيورٽي چئلينجز تي ڪاميابي سان ضابطو آڻينديون: صدر

اسلام آباد (م د) صدر آصف علي زرداري سان چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪاميٽي جنرل ساحر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري سان چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪميٽي ملاقات ڪندي

پاڪستان پوسٽ جي ججن، سفارتڪارن سميت هاءِ پروفائل جي ميلز کي چيڪ ڪرڻ جي هدايت

اسلام آباد (م د) پاڪستان پوسٽ ججن، سفارتڪارن ۽ ٻين هاءِ پروفائل جي ميلز کي خاص /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ٻوڏ سبب متاثر اسڪولن جي عمارتن جي اڏاوت جو ڪم ڪري رهيا آهيون: وڏو وزير

سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه سان جرمني جي قونصل جنرل روڊيگر لوٽز جي ملاقات، مختلف معاملن تي ڳالهيون

سنڌ حڪومت ڊونر ايجنسين جي مدد ڪئي، گهرن جي اڏاوتن جو ڪم جاري آهي: سيد مراد علي شاهه

سنڌ حڪومت هارين کي سهولتون ڏئي ڪري زرعي معيشيت بهتر ڪرڻ چاهي ٿي: ملاقات دوران ڳالهيون

ڪراچي (م د) سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته سنڌ حڪومت ڊونر ايجنسين جي مدد ڪئي، گهرن جي اڏاوتن جو ڪم جاري آهي، ٻوڏ سبب متاثر انفرا اسٽرڪچر جي تعمير ۾ تيزي سان جاري آهي. هو ٻوڏ سبب متاثر اسڪولن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي ۾ عورتن لاءِ پنڪ بس سروس جو ٻيو مرحلو شروع ڪيو ويندو: شرجيل انعام ميمڻ

عيد کان فورن پوءِ اليڪٽرڪ بسن جا نوان روٽس به شروع ڪيا ويندا، ميرپورخاص ۾ بس سروس شروع ڪئي ويندي

اورنج لائين، بي آر ٽي ۽ ريڊ لائين بي آر ٽي کي جوڙڻ لاءِ مفت شٽل سروس شروع ڪئي ويندي

پبلڪ ٽرانسپورٽ استعمال ڪندڙن لاءِ ڪيش ليس ٽڪيٽ سروس به متعارف ڪرائي ويندي: اجلاس ۾ ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل ميمڻ پاران عيد کانپوءِ ٽرانسپورٽ جا نوان منصوبا شروع /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سان اومان جو قونصل جنرل ملاقات ڪندي

ايندڙ ٻن سالن ۾ سستي متبادل ذريعن سان بجلي کي اليڪٽرڪ سسٽم ۾ شامل ٿيندي: مونس علوي

ڪراچي (رپورٽر) کي اليڪٽرڪ جي سي اي او مونس علوي مهانگي بجلي کان تنگ ڪراچي جي شهرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

آءِ ايم ايف پاڪستان سان نئين پروگرام تي ڳالهين لاءِ تيار ٿي ويو

ايندڙ هفتن ۾ پاڪستاني ترقيءَ جي حوالي سان اڳڪٿي جاري ڪئي ويندي: ترجمان

پهريون جائزو مڪمل ٿيڻ کانپوءِ پاڪستان جي اقتصادي ۽ مالياتي صورتحال بهتر ٿي آهي: ڪميونيڪيشن ڊائريڪٽر

اسٽينڊ باءِ معاهدي تحت پاڪستان کي ٽي ارب ڊالر جي ادائگي ٿيندي، هڪ ڏهائي نو ارب ڊالر پهريان ئي جاري ٿي چڪا آهن

واشنگٽن (م د) آءِ ايم ايف پاڪستان سان نئين پروگرام تي ڳالهين لاءِ تيار ٿي ويو، ترجمان چيو آهي ته ايندڙ هفتن ۾ پاڪستاني ترقيءَ جي حوالي سان اڳڪٿي جاري ڪئي ويندي. آءِ ايم ايف جي ڪميونيڪيشن ڊائريڪٽر جولي ڪوزيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ايف آءِ اي ملتان مان 16 ڪلو سون اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي

مسافر جي سامان مان 16 ڪلو گرام سون هٿ ڪيو ويو، مختلف وزنن جا 10 سون جا سڪا به شامل

جوابدارن جي سامان کي بار بار جاچ لاءِ طلب ڪيو ويو، جوابدارن جي سامان مان 16 ڪلو سون هٿ ڪيو ويو

ملتان (م د) ايف آءِ اي جي اميگريشن سيل پاڪستان جي تاريخ جي سڀ کان وڏي ڪارروائي ڪندي ملتان ايئرپورٽ تي 16 ڪلو گرام سون سمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائي ڇڏي، ايف آءِ اي ترجمان جو چوڻ آهي ته مسافر جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

اسلام آباد: وفاقي وزير عليم خان اجلاس جي صدارت ڪندي

آمريڪي ڊپلوميٽڪ وفد جي سيد ذوالفقار شاهه سان ملاقات، مختلف تجويزن تي غور

ڪراچي (رپورٽر) سياحت، ثقافت، ماڳن ۽ آرڪائيز واري صوبائي وزير سيد ذوالفقار شاهه سان آمريڪي ڊپلوميٽڪ وفد ملاقات ڪئي ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

”غزه ۾ شهرين کي تحفظ ڏيو يا آمريڪي مدد کان محروم ٿي وڃو“ بائيڊن جو نيتن ياهو کي الٽيميٽم

صدر جو بائيڊن اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو کان ٽيليفونڪ رابطو ڪيو، غزا جي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون ويون

اسرائيل کي درپيش خطرن تي آمريڪا ان سان گڏ آهي، غزه ۾ مجموعي انساني صورتحال ناقابل قبول آهي

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر جو بائيڊن اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو کي چيو آهي ته غزه ۾ شهرين جي تحفظ لاءِ حفاظتي قدم يقيني بڻايا وڃن. آمريڪي ميڊيا موجب، صدر جو بائيڊن اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو کان ٽيليفونڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران پي ايس 112 تي ٻيهر ڳڻپ ڪرائڻ واري اليڪشن ڪميشن جو فيصلو معطل

ٻن مهينن کان اسيمبلي جي اجلاس ۾ شرڪت ڪري رهيو آهيان، گذريل ڏينهن ٻيهر ڳڻپ ڪرائي وئي: سربلند خان

ٻيهر ڳڻپ 5 سيڪڙو يا ان کان گهٽ ووٽن جي فرق تي ٿيندي آهي، مون کي پ پ اميدوار تي 11 سيڪڙو ووٽن جي سرسي حاصل هئي

عدالت اليڪشن ڪميشن جو فيصلو معطل ڪندي ڌرين کان 18 اپريل تي جواب طلب ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ پي ايس 112 تي ٻيهر ڳڻپ ڪرائڻ واري اليڪشن ڪميشن جو فيصلو معطل ڪري ڇڏيو، ڪياماڙي ضلعي ۾ پي ايس 112 تي عام چونڊن دوران پي ٽي آءِ جو حمايت يافته آزاد اميدوار سربلند خان ڪامياب ٿيو هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 35

سپريم ڪورٽ جي وڌيڪ 5 ججن کي شڪي خط وصول

وڌيڪ ملندڙ خط ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ حوالي ڪيا ويا، جاچ شروع

سپريم ڪورٽ جي ججن کي ملندڙ خطن تي به آرسينڪ پائوڊر آهي

اسلام آباد (م د) اعليٰ عدليا جي ججن کي ڌمڪي جوڳا خط ملڻ جو سلسلو جاري آهي. سپريم ڪورٽ جي وڌيڪ 5 ججن کي خط وصول ٿيا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس علي باقر نجفي کي به شڪي خط مليو

هاءِ ڪورٽ جي ججن کي مليل ڌمڪين وارن خطن جو انگ ڇهه تي ويو

جسٽس علي باقر نجفي ڏانهن اماڻيل خط به سي ٽي ڊي حوالي ڪيو ويو

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس علي باقر نجفي کي به شڪي خط مليو، لاهور هاءِ ڪورٽ جي ججن کي مليل ڌمڪين وارن خطن جو انگ ڇهه تي ويو، ذريعن موجب جسٽس علي باقر نجفي ڏانهن اماڻيل خط به سي ٽي ڊي حوالي ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪنڌڪوٽ: ڪچي ۾ پوليس ۽ رينجرز جي آپريشن ۾ 2 مغوي آزاد

ڪچي جي علائقي ۾ ڌاڙيلن خلاف پوليس ۽ رينجرز گڏيل آپريشن ڪيو

آپريشن دوران 10 سهولتڪارن ۽ شڪين کي حراست ۾ به ورتو ويو

ڪنڌڪوٽ (رپورٽر) پوليس ۽ رينجرز جي آپريشن ۾ ڪچي جي علائقي مان ٻه مغوي آزاد ڪرايا ويا. ايس ايس پي موجب ڪنڌڪوٽ ۾ ڪچي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسرائيل کي غزا جنگ فوري طور ختم ڪرڻ گهرجي: ٽرمپ

اسرائيل ماڻهن جو قتل عام بند ڪري امن امان ڏانهن موٽي وڃي

اسرائيل کي صلاح ڏني ته هو فلسطينين تي بمباري جون وڊيوز جاري نه ڪري

واشنگٽن (م د) اڳوڻي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته اسرائيل کي غزه جنگ فوري طور ختم ڪرڻ گهرجي. پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

ڪراچي ۾ رينجرز ۽ پوليس جي ڪارروائي، 2 جوابدار گرفتار

ڳجهي اطلاع تي اسلاميه ڪالوني ۽ اورنگي ٽائون ۾ ڪارروائي ڪئي وئي

ڦرلٽ جي وارداتن ۾ ملوث نويد خان ۽ علي حسين عرف جاجو گرفتار ٿيا

ڪراچي (م د) ڪراچي ۾ رينجرز ۽ پوليس گڏيل ڪارروائي ڪندي 2 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو. ڳجهي اطلاع تي اسلاميه ڪالوني ۽ اورنگي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان برطانوي هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪندي

سکر: پوليس اهلڪار تي ڌاڙيلن سان مليل هجڻ جو الزام، ايف آءِ آر داخل

ايئرپورٽ ٿاڻي تي ايس ايڇ او عبيد ڏاريجو جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو

سعيد آباد چوڪي جي اڳوڻي انچارج شبير پيرو ۽ هڪ اڻڄاتل خلاف ڪيس داخل

سکر (رپورٽر) سکر ۾ پوليس اهلڪار تي ڌاڙيلن سان مليل هجڻ جو الزام. ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي، سعيد آباد چوڪي جي اڳوڻي انچارج شبير پيرو ۽ هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

شين جي درآمد ۽ برآمد تي پابندي هٽائڻ جي لاءِ ڪميٽي قائم

نئين وفاقي حڪومت واپار واري وزير جي سربراهي ۾ 3 رڪني ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پابندي مڙهيل شين جي درآمد ۽ برآمد تي پابندي هٽائڻ لاءِ ڪميٽي جوڙي وئي. واپار واري وزارت جي ذريعن موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

گڏيل عرب امارات اسرائيل سان سفارتي لاڳاپا معطل ڪري ڇڏيا

اماراتي پرڏيهي وزارت اسرائيلي سفير کي پرڏيهي وزارت طلب ڪري سخت احتجاج ڪيو

امدادي ڪارڪنن جو مارجڻ ڪارو ڏينهن آهي: اماراتي سفير محمد الخواجه

ابوظهبي (م د) گڏيل عرب امارات غزه ۾ 7 امدادي ڪارڪنن جي مارجڻ تي ڏک جو اظهار ڪندي اسرائيل سان سمورا سفارتي لاڳاپا معطل ڪري ڇڏيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

اسلام آباد: اين ڊي ايم اي جو چيئرمين اجلاس جي صدارت ڪندي

گڏيل قومن پاران پاڪستان جي معاشي ترقي ۾ تيزي ۽ مهانگائي گهٽجڻ جي اڳڪٿي

هلندڙ سال معاشي ترقي تيز ٿي رهي آهي ۽ ايندڙ سال حقيقي اوسر جي شرح وڌيڪ هوندي: يو اين اڪنامڪ سروي

مالي سال 2025 ۾ مهانگائي جي شرح 26 مان گهٽجي 12.2 سيڪڙو ٿيڻ جو امڪان آهي

2023 ۾ آءِ ايم ايف سان معاهدي ۽ دوست ملڪن جي مدد سان معيشت سنڀلجڻ شروع ٿي

نيو يارڪ (م د) گڏيل قومن اقتصادي سروي جاري ڪري ڇڏي، جنهن ۾ پاڪستان جي معاشي ترقي ۾ تيزي ۽ مهانگائي گهٽجڻ جي اڳڪٿي ڪئي وئي آهي. يو اين اڪنامڪ سروي موجب هلندڙ مالي سال 25_2024 ۾ پاڪستان/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اي سي سي ميڊيا هائوسز کي رهتن جي ادائگي جي لاءِ ضمني گرانٽ جي منظوري ڏني آهي: عطاءالله تارڙ

رهتون ڪيترن ئي سالن کان التوا جو شڪار رهيون، وزيراعظم شهباز شريف جي هدايت تي ميڊيا هائوسز جي رهتن جي ادائگي جي لاءِ عملي قدم کنيا

اطلاعات واري وزارت حڪومت، صحافين ۽ ميڊيا هائوسز جي وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪري رهي آهي

ڪراچي (م د) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءالله تارڙ چيو آهي ته ميڊيا هائوسز جون رهتون ڪيترن ئي سالن کان التوا جو شڪار هيون. وزيراعظم شهباز شريف جي هدايت تي ميڊيا هائوسز جي رهتن جي ادائگي جي لاءِ عملي قدم کنيا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

لغڙن جي ڏور خيبر پختونخواهه مان ٿي پنجاب اچي رهي آهي: مريم نواز

لاهور (م د) وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز چيو آهي اسان کي خبر پئي آهي ته لغڙن جي ڏور خيبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

نجڪاري ڪميٽي جو جو پهريون اجلاس اڄ طلب

خانگائڻ ڪاميٽي جي اجلاس ۾ 2 نقاطي ايجنڊا تي غور ڪيو ويندو

پروگرام جي موجوده صورتحال جو جائزو ايجنڊا ۾ شامل ڪيو ويو

اسلام آباد (م د) پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ڪابينا جي خانگائڻ واري ڪاميٽي جو پهريون اجلاس اڄ طلب ڪري ورتو آهي. ڪابينا جي خانگائڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

بيروزگار تياري ڪن، سنڌ حڪومت پاران عيد کانپوءِ ڀرتين لاءِ تياريون شروع

حڪومت سمورن ضلعن جي اختيارين کان مختلف کاتن ۾ پيل خالي جاين جا تفصيل طلب ڪري ورتا

پهرين مرحلي ۾ گريڊ هڪ کان گريڊ 4، ٻئي مرحلي ۾ گريڊ 5 کان 15 تائين ڀرتيون ڪيون وينديون

نوڪرين تي پابندي بابت سنڌ هاءِ ڪورٽ جي اسٽي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪرائڻ جو فيصلو به ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت پاران نوڪرين تان پابندي هٽائڻ بعد عيد کانپوءِ ڀرتين لاءِ تياريون شروع ڪيون ويون. حڪومت سمورن ضلعن جي اختيارين کان مختلف کاتن ۾ پيل خالي جاين جا تفصيل طلب ڪري ورتا. ان سلسلي ۾ پهرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

سنڌ حڪومت جو پينشن رڪارڊ کي مڪمل ڊجيٽلائيز ڪرڻ جو فيصلو

چيف سيڪريٽري جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ پينشن کي مڪمل ڊجيٽلائيز ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اجلاس ۾ چيف سيڪريٽري ريٽائرڊ آفيسرن جي استعمال هيٺ سرڪاري گاڏين جا تفصيل طلب ڪري ورتا

ڊپٽي ڪمشنرز کي سرڪاري زمينن تان حد دخلتون هٽائڻ جي هدايت، اينٽي ڪرپشن ڪيسن، ترقياتي منصوبن تي غور ويچار

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ سرڪار پينشن رڪارڊ کي مڪمل ڊجيٽلائيز ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. چيف سيڪريٽري جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ۾ پينشن کي مڪمل ڊجيٽلائيز ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. چيف سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسرائيلي پاليسيون نه بدليون ته آمريڪي پاليسي تبديل ٿي سگهي ٿي: انٽوني بلنڪن

غزا جي 100 سيڪڙو آبادي کي امداد جي ضرورت آهي، امدادي ڪارڪن جانيون ڏئي تي لڳاتار امداد پهچائي رهيا آهن

غزا ۾ امداد جي اجازت باوجود زميني صورتحال سٺي ناهي، غزا ۾ امداد جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ جنگبندي ضروري آهي

واشنگٽن (م د) آمريڪي پرڏيهي وزير انٽوني بلنڪن چيو آهي ته اسرائيلي پاليسين ۾ تبديليون نه آيون ته آمريڪي پاليسي تبديل ٿي سگهي ٿي. انٽوني بلنڪن بيان ۾ چيو ته غزا جي 100 سيڪڙو آبادي کي امداد جي ضرورت آهي. امدادي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي 21 تڪن ۾ ضمني چونڊن جو اعلان

اين اي 8 باجوڙ، اين اي 44 ڊيرا اسماعيل خان، اين اي 119 لاهور 3 تي چونڊون ٿينديون

قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي ضمني چونڊ لاءِ پولنگ 21 اپريل تي ٿيندي

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي 21 تڪن ۾ ضمني چونڊن جو اعلان ڪري ڇڏيو اليڪشن ڪميشن طرفان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

وزيراعظم محمد شهباز شريف 6 کان 8 اپريل تائين سعودي عرب جو دورو ڪندو

اسلام آباد (م د) وزيراعظم محمد شهباز شريف رمضان المبارڪ جي آخري ڏهاڪي ۾ 6 کان 8 اپريل تائين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ وفاقي گهرو سيڪريٽري جا گرفتاري وارنٽ جاري ڇڏيا، پيش ڪرڻ جو حڪم

جسٽس سردار اعجاز اسحاق خان پاران صحافي سميع ابراهيم جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ واري درخواست تي ٻڌڻي

عدالت گهرو سيڪريٽري جا ضمانت ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا، پوليس کي پيش ڪرڻ جو حڪم

سيڪريٽري مطمئن ڪندڙ جواب نه ڏنو ته ايس ايڇ او کي گرفتاريءَ جو حڪم ڏينداسين: عدالت

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ وفاقي گهرو سيڪريٽري جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا، پوليس کي گهرو سيڪريٽري کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو جسٽس سردار اعجاز اسحاق خان صحافي سميع ابراهيم جو نالو اي سي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: وفاقي خواجا آصف سان جاپاني سفير ملاقات ڪندي

اضافي ڊيوٽي: يوٽيلٽي اسٽورن جي ملازمن کي رمضان بونس ڏيڻ جو فيصلو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) يوٽيلٽي اسٽورز جي ملازمن کي رمضان بونس جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. يوٽيلٽي اسٽورز جي ذريعن ٻڌايو آهي ته يوٽيلٽي اسٽورز جي 10 هزار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پي سي بي جي پهرين عورت ميڊيا ڊائريڪٽر عهدي تان استعيفي ڏئي ڇڏي

سميع برني کي ٻيهر ڊائريڪٽر ميڊيا مقرر ڪيو ويو آهي: پي سي بي

عاليه رشيد پي سي بي ۾ ميڊيا هيڊ طور ڪم ڪندڙ پهرين عورت ڊائريڪٽر هئي

لاهور (م د) عاليه رشيد پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي ڊائريڪٽر ميڊيا اينڊ ڪميونيڪيشن جي عهدي تان استعيفي ڏئي ڇڏي. پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ موجب، سميع برني کي ٻيهر ڊائريڪٽر ميڊيا مقرر ڪيو ويو آهي، سميع برني کي عاليه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ميرپور ماٿيلو ويجهو ٻن ڌرين ۾ تڪرار تان 4 عورتون مبينا طور اغوا ٿي ويون

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو ويجهو ٻن ڌرين ۾ تڪرار تان 4 عورتون مبينا طور اغوا ٿي ويون. ذريعن موجب ڳوٺ عرض محمد مهر واسڻ ناري مبينا طور اغوا ٿي وئي، ٻلاڻي طور شيخ برادري جي به ٽن عورتن کي اغوا ڪيو ويو ان سلسلي ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

مارچ مهيني ۾ 18 گم ٿيل ماڻهو گهرن ۾ واپس پهتا: سپريم ڪورٽ ۾ رپورٽ جمع

گم ٿيل ماڻهن جي ڪميشن مارچ ۾ 27 گم ٿيل ماڻهن جو پتو لڳايو ۽ گذريل مهيني 33 ڪيس اڪلايا: رپورٽ

اهي ڪيس جبري گمشدگي جي نه هجڻ تي اڪلايا ويا، پتو لڳايل 8 ماڻهو مختلف جيلن ۽ هڪ حراستي مرڪز ۾ آهي

مارچ ۾ گمشدگي جا 18 نوان ڪيس وصول ٿيا، گم ٿيل ماڻهن جا ٻه هزار 302 ڪيس مختلف عدالتن ۾ ٻڌڻي هيٺ آهن

اسلام آباد (م د) گم ٿيل ماڻهن جي ڪميشن پنهنجي ماهوار اڳيرائي رپورٽ سپريم ڪورٽ ۾ جمع ڪرائي ڇڏي، رپورٽ موجب گم ٿيل ماڻهن جي ڪميشن مارچ ۾ 27 گم ٿيل ماڻهن جو پتو لڳايو ۽ گذريل مهيني 33 ڪيس اڪلايا، اهي ڪيس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سکر ۾ نيوپنڊ پوليس آڪڙا پرچي جوا جي دوڪانن تي ڇاپو

پوليس ڇاپي دوران 10 جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

جوابدارن جي قبضي مان پرچي سلپ باڪس، موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) ايس ايس پي عابد علي بلوچ جي هدايتن تي نيوپنڊ پوليس آڪڙا پرچي جوا جي دوڪانن تي ڇاپو 10 جوابدارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

بدين ۾ جمعة الوداع کي يوم القدس طور تي ملهايو ويو، ريليون

پاڪستان جا ٻارڙا مسجد الاقصيٰ جي حفاظت لاءِ پنهنجي رت جو آخري قطرو به وهائڻ لاءِ تيار آهن: اڳواڻ

اڄ فلسطين خونريزي ڪري رهيو آهي، بيت المقدس جي حفاظت اسان جو ديني ۽ مذهبي فرض آهي

فلسطين جي عوام يهوديت خلاف اڪيلو بيت المقدس جي آزادي لاءِ جنگ وڙهي رهي آهي

بدين (رپورٽر مرتضيٰ ميمڻ) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير سراج الحق جي اپيل تي جمعة الوداع کي يوم القدس طور تي ملهايو ويو اسرائيلي ظلمن خلاف فلسطيني ڀائرن سان يڪجهتي جو ڏهاڙو ملهايو ويو ۽ بيت المقدس جي آزادي لاءِ مسجد اقصيٰ کان نيشنل پريس ڪلب بدين تائين ريلي ڪڍي مظلوم فلسطيني عوام سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ القدس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

اظهار يڪجهتي
القدس احتجاجي ريلي
جماعت اسلامي بدين

بدين: جماعت اسلامي پاران يوم القدس جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

ٿر جي بئراجي علائقن کي آباد ڪندڙ رڻ شاخ ۾ پاڻي جي کوٽ شدت اختيار ڪري وئي

ننون ڪوٽ (رپورٽر) ٿر جي بئراجي علائقن کي آباد ڪندڙ رڻ شاخ ۾ پاڻي جي کوٽ شدت اختيار ڪري وئي، علائقي ۾ پيئڻ جي پاڻي جو شديد بحران، چوپايو مال سوڙو پکي پکڻ به پاڻي ڦڙي لاءِ واجهائڻ لڳا، علائقي واسي سخت پريشان، خبر موجب ٿرپارڪر جي بئراجي علائقن کي پاڻي فراهم ڪندڙ سب ڊويزن نئوڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ٽنڊو محمد خان ۾ اسرائيلي جارحيت خلاف احتجاجي جلوس، آمريڪي اسرائيلي پرچم کي باهه ڏئي ساڙيو ويو

اسرائيلي جارحيت، فلسطيني عوام جي قتل عام خلاف شهر جي اسٽيشن روڊ کان احتجاجي جلوس ڪڍي پيادل مارچ ڪري احتجاج ڪيو ويو

اسرائيلي جارحيت ذريعي ٿيندڙ قتل عام هزارين انساني جانيون ضايع ٿي ويون آهن جنهن ۾ معصوم ٻار، مرد عورتون شامل آهن: مظاهرين

مسلم امت کي هڪ آواز ٿي اسرائيلي جارحيت کي بند ڪرائڻ گهرجي، قتل عام جو سلسلو بند نه ڪيو ويو ته ڀرپور مزاحمت ڪئي ويندي

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ مجلس وحدت المسلمين طرفان اسرائيلي جارحيت خلاف احتجاجي جلوس، مظاهرو، ڌرڻو، آمريڪي اسرائيلي پرچم کي باهه ڏئي ساڙيو ويو، ٽنڊو محمد خان ۾ مجلس وحدت المسلمين پاران اسرائيلي جارحيت، فلسطيني عوام جي قتل عام خلاف شهر جي اسٽيشن روڊ کان احتجاجي جلوس ڪڍي پيادل مارچ ڪري ٽنڊو محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد پاران ڪاٽي پيتي جون شيون آڪشن ڪرڻ واري ڪم جو جائزو

لاڳاپيل عملدار روزاني جي بنياد تي سبزي منڊي ۾ عام واهپي جي شين جي آڪشن دوران موجود رهن: ڊپٽي ڪمشنر

بغير لائسنس جي شيون آڪشن ڪندڙ واپارين کي جلد رجسٽرڊ ڪري ڪين قانون مطابق لائسنس فراهم ڪيو وڃي

هتان آڪشن ٿيندڙ ڪاٽي پيتي جي شين ڪانپوءِ عام مارڪيٽ ۾ پڻ انهن شين جي قيمتن جو جائزو ورتو

سڪرنڊ (رپورٽر راج ڪماراوڏ) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد زاهد حسين رند صبح سوير سبزي منڊي جو اوچتو دورو ڪري ڪاٽي پيتي جون شيون آڪشن ڪرڻ واري ڪم جو جائزو ورتو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر زاهد حسين رند چيو ته تاجر حضرات رمضان المبارڪ جي پلاري مهيني کي نظر ۾ رکندي عام واهپي جون شيون رعايتي اگهن تي آڪشن ڪن ته جيئن انهن شين جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪشمور ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس پاران ڌوهارين خلاف آپريشن جاري

غوثپور (رپورٽر: عبدالنبي ملڪ) غوثپور، ايس ايس پي ڪشمور بشير احمد بروهي جي اڳواڻي ۾ ڪشمور ضلعي جي مختلف ٿاڻن جي پوليس نفري ۽ رينجرس جي جوانن جو دراني مهر جي دودا پوليس چيڪ پوسٽ واري علائقي ۾ اڄ ٻئي ڏهاڙي تي روپوش جوابدارن جي گرفتاري ۽ مغوين جي بازيابي لاءِ اڄ ٻئي ڏهاڙي تي به سبزوئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

نوابشاهه: ڊپٽي ڪمشنر سبزي منڊي جي دوري دوران شين اگهه معلوم ڪري رهيو آهي

ملير ۾ ”بابا مان به عيد ڪندم“ جي سري هيٺ متاثرن کي نوان ڪپڙا ڏنا ويا

گلاب ميمڻ ڳوٺ ڪانوڙ ۽ ٻين علائقن ۾ وچي غريب سفيد پوش فيملين جي ٻارڙن ۾ هر سال جيان هن سال به نوان ڪپڙا ڏنا ويا

عيد خوشين جو ڏينهن آهي اسان جي ڪوشش آهي ته هر غريب ٻار کي ڪپڙا ڏئي سندس منهن تي مرڪون آڻيون: اڳواڻ

هن وقت غربت جي شرح حد کان مٿي آهي، غريب ماڻهو پنهنجي ٻچڙن لاءِ عيد تي ڪپڙا به خريد ڪري ناهن سگهندا

ملير (ڏ ر) بابا مان به عيد ڪندم جي سري هيٺ ملير جي مختلف ڳوٺن ۾ غريب سفيد پوش فيملين جي ٻارڙن ۾ هر سال جيان هن سال به نوان ڪپڙا ڏنا ويا، عيد خوشين جو ڏينهن آهي اسان جي ڪوشش آهي ته هر غريب ٻار کي ڪپڙا ڏئي سندس منهن تي مرڪون آڻيون، هن وقت غربت جي شرح حد کان مٿي آهي، غريب ماڻهو پنهنجي ٻچڙن لاءِ عيد تي ڪپڙا به خريد ڪري ناهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٻنون شهر ۾ ڏٽين جي بي حسي ۽ چونڊيل نمائندن ۽ ڪامورن جي نااهلي سبب مسئلستان بڻيل

ٻنون ۽ ڀرپاسي جي عوام 17 سالن کان وٺي بجلي جي نعمت کان محروم، چونڊيل نمائندن به وساري ڇڏيو

واپڊا وارن بلڙي شاهڪريم گرڊ اسٽيشن کان ايندڙ بجلي جي سپلائي بقايات جو جواز ڄاڻائي ڪاٽي ڇڏي

بجلي بحال ڪرڻ سميت شهر جا سمورا بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن، ٻي صورت ۾ احتجاج ڪيو ويندو: رهواسي

دڙو (رپورٽر: شوڪت ميمڻ) ٻنون شهر اقتدار ڏٽين جي بي حسي چونڊيل نمائندن ۽ ڪامورن جي نااهلي سبب 40 سالن کان مسئلستان بڻيل ٻنون ۽ ڀرپاسي جي عوام 17 سالن کان وٺي بجلي جي نعمت کان محروم، جيسڪو جي اختيارين طرفان بلڙي شاهڪريم گرڊ اسٽيشن کان ايندڙ بجلي جي سپلائي بقايات جو جواز ڄاڻائي ڪاٽي ڇڏي، بجلي جا پول ۽ تارون ڪٽجي ويون، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سلطانپور ۾ شيعان حيدر ڪرار پاران يوم القدس جي مناسبت سان فلسطين جي حق ۾ ريلي

سلطانپور (رپورٽر) سلطانپور ۾ شيعان حيدر ڪرار پاران يوم القدس جي مناسبت سان فلسطين جي حق ۾ ريلي ڪڍي وئي، ان موقعي تي ريلي ۾ شريڪ اڳواڻن مولانا نثار سمائر، رستم علي سمائر، اظهر سمائر، استاد غلام محمد سمائر ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اسرائيل بيت المقدس تي پنهنجو ناجائز قبضو ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

دڙو: ٻنون جي بجلي بند ٿين بعد ٽرانسفارم لٽل آهن، ٻئي طرف ٿنڀن مان تارون لٽل آهن

سڪرنڊ ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مستحق عورتن کان ڪٽوتي جاري

ڊيوائيز هلائيندڙ هر هڪ عورت کان 500 کان 1000 تائين کلي عام ڪٽوتي ڪرڻ جو انڪشاف

بسپ ايس اوپيز تي به عمل نه ٿيو عورتون روضي جي حالت ۾ به رقم حاصل ڪرڻ لاءِ عورتون پريشان

بسپ ريجنل ڊائريڪٽر ڏاهن موڪلڻ باوجود ڊيوائيز مافيا خلاف ڪا به ڪاروائي عمل ۾ نه اچي سگهي هئي

سڪرنڊ (رپورٽر راج ڪماراوڏ) سڪرنڊ ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مستحق عورتن کان ڪٽوتي جاري ڊيوائيز هلائيندڙ هر هڪ عورت کان 500 کان 1000 تائين کلي عام ڪٽوتي ڪرڻ جو انڪشاف، بسپ ايس اوپيز تي به عمل نه ٿيو عورتون روضي جي حالت ۾ به رقم حاصل ڪرڻ لاءِ اس ۾ ويهڻ تي مجبور ڪيترائي ڪلاڪ قطار ۾ واري جو انتظار ڪرڻ ڊيوائيز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٺٽي ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت توڙي ماڻهن ۾ صحت جي سهولتن بابت آگاهي ڏيڻ وارو منصوبو شروع

سيمينار ۾ مرف جي ريجنل پروگرام مئنيجر ملڪ آدم، هيلٿ پروجيڪٽ مئنيجر ڊاڪٽر زينب ۽ ٻين جي شرڪت

هي علائقا ساموندي پٽي تي هجڻ ڪري قدرتي آفتن جي لپيٽ ۾ رهن ٿا، صحت جي سهولتن جو مسئلو رهي ٿو: اڳواڻ

ٺٽي ضلعي جي 4 ۽ سجاول ضلعي جي 3 يونين ڪائونسلن ۾ ڦهلجندڙ بيمارين کي روڪڻ لاءِ منصوبو شروع ڪيو ويو آهي

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ۾ سول اسپتال سميت رورل هيلٿ سينٽرن جو انتظام هلائيندڙ سماجي اداري مرف پاران يونيسيف جي سهڪار سان ٺٽي ۽ سجاول ضلعن جي ساموندي پٽي جي يونين ڪائونسلن ۾ ماءُ ۽ ٻار جي صحت توڙي ماڻهن ۾ صحت جي سهولتن بابت آگاهي ڏيڻ وارو منصوبو شروع ڪيو ويو آهي، ان سلسلي ۾ سماجي اداري مرف پاران يونيسيف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

شڪارپور: ورلڊ ٽي بي ڊي جي سلسلي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس ۾ سيمينار

شڪارپور (رپورٽر: عبدالخالق سومرو) برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن اين جي او شڪارپور پاران ورلڊ ٽي بي ڊي جي سلسلي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس شڪارپور ۾ سيمينار تفصيل موجب برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن اين جي او شڪارپور طرفان ورلڊ ٽي بي ڊي جي سلسلي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس شڪارپور ۾ سيمينار ٿي گذريو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

edia Seminar
Thatta Press Club, Thatta, Sindh
World Hea 20

ٺٽو: ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت ٿيل سيمينار ۾ مقرر اسٽيج تي ويٺل آهن

مٽياري ۾ يوم القدس جي موقعي تي اسرائيلي جارحيت خلاف ريلي

محمد عرس مستوئي، قربان مستوئي، سيد اظهار علي شاهه، لالا مستوئي ۽ ٻين ريلي ڪڍي

اسلامي ملڪن کي گهرجي ته فلسطين جي مسلمان ڀائرن جو ساٿ ڏين: اڳواڻ

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مٽياري ۾ يوم القدس جي موقعي تي اسرائيلي جارحيت خلاف ۽ فلسطيني عوام جي حق ۾ مرڪزي امام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سڪرنڊ ۾ فلسطين جي مظلوم عوام مٿان اسرائيلي ڏاڍ ۽ جبر خلاف ريلي

اسرائيل عالمي معاهدي جي انحرافي ڪندي بم ۽ موتمار هٿيارن جو استعمال ڪري رهيو آهي: مظاهرين

رهائشي علائقا مڪمل تباهه ٿي چڪا آهن ۽ هزارين فلسطينين جو قتل عام ڪري بيگناهه رت رهايو ويو آهي

سڪرنڊ (رپورٽر: فقيرراج ڪماراوڏ) فلسطين جي مظلوم عوام مٿان اسرائيل جي ڪيل ڏاڍ ۽ جبر خلاف يوم القدس جي موقعي تي تحريڪ عمل و علم پاڪستان سڪرنڊ ۽ اصغريہ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن پاران سوين عورتن ۽ معصوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نوشهروفيروز ۾ شيعه علماءِ ڪائونسل پاران آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف ريلي

بيت المقدس تي قبضي جي خلاف امام بارگاهه ابو تراب کان عالمي يوم المقدس جي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

اسان مظلوم جا حامي ۽ ظالم جا مخالف آهيون، قدس جي آزاديءَ تائين جنگ رهندي: مظاهرين جون دانهون

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) پوري دنيا جيان ضلع نوشهروفيروز ۾ شيعه علماء ڪائونسل پاڪستان پاران امريڪا ۽ اسرائيل جي جارحيت ۽ بيت المقدس تي قبضي جي خلاف امامبارگاهه ابوتراب کان عالمي يوم المقدس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

امريکه
جنگ رہے گی
جنگ رہے گی
بیت المقدس کی آزادی تک

نوشهروفيروز: يوم القدس جي حوالي سان ريلي ڪڍي پئي وڃي

سڪرنڊ پرسان ڳوٺ محمد بچل مگسي جي رهواسين پاران دانهون

بااثر منشيات جو ڪاروبار ڪن ٿا، روڪڻ تي موتمار ڌمڪيون ڏين ٿا: مظاهرين

اسان کي جاني خطرو آهي، ڪيس گرفتار ڪري اسان کي تحفظ سان انصاف فراهم ڪيو وڃي

سڪرنڊ (رپورٽ: راج ڪماراوڏ) ڳوٺ محمد بچل مگسي يوسي جمال ڪيريو تعلقي سڪرنڊ جي رهواسي استاد محمد بچل مگسي سڪرنڊ پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسان جي وڏڙن جي ڳوٺ غلام محمد مگسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ عورتن کي حق ڏنا وڃن: ناري فائونڊيشن

ڳوٺ اسماعيل لباڻو ۽ ڪلادي ڳوٺ ۾ ٻن ڏينهن وارو تربيتي پروگرام منعقد ڪيو ويو

سنڌ وومين ايگريڪلچر ورڪرس قانون 2019ع جا ضابطا جوڙي ان تي عمل کي يقيني بڻايو وڃي

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر ۾ ناري فائونڊيشن ۽ آواز فائونڊيشن پاڪستان جي سري هيٺ هاري عورتن جي وومين ايگريڪلچر ورڪر ڪائونسل (WAWC) جي ميمبرن جي صلاحيت وڌائڻ ۽ بنيادي حقن بابت تعلقه نيو سکر جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

مانجهند پرسان ڳوٺ زيمي پيئڻ جي پاڻي جي اسڪيم نه ملڻ خلاف احتجاج

علامتي بک هڙتالي ڪيمپ تي ٻهرين ڏينهن تي شاميانا هٽي علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

پاڻي بنا عذاب واري زندگي گذري پئي پاڻي نه ڏنو ويو ته انڊس هاءِ وي بلاڪ ڪيو ويندو: مظاهرين

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) مانجهند جي تاريخي ڳوٺ زيمي ۾ وڏي عرصي کان پيئڻ جي پاڻي جي اسڪيم نه ملڻ خلاف ڳوٺاڻن تي روزه علامتي بک هڙتالي ڪيمپ تي ٻهرين ڏينهن تي شاميانا هٽي علامتي بک هڙتال ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ٽنڊوباگو جي 6 يونين ڪائونسلن ۾ 15 هزار ڪڪڙيون ورهايون ويون

هڪ عورت کي 8 ڪڪڙيون ۽ 2 ڪڪڙ ڏنا ويا آهن ته جيئن هو گهر جي آمدني ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿئي: اڳواڻ

هينڊز بنا ڪنهن فرق رنگ نسل ۽ مذهب جي 42 سالن کان پاڪستان ۾ ڪم ڪري رهي آهي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سماجي تنظيم هينڊز پاران تعلقي ٽنڊوباگو جي 6 يونين ڪائونسلن ۾ 15 هزار ڪڪڙيون ورهايون ويون آهن هر هڪ عورت کي 8 ڪڪڙيون ۽ 2 ڪڪڙ ڏنا ويا آهن ته جيئن هو ڪڪڙ پالي گهر جي آمدني ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿئي ان موقعي تي يو اين فائو جي جاويد پاشا، ڊسٽرڪٽ مينيجر هينڊز حيدر علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

بدين: سماجي تنظيم پاران ٽنڊو باگو ۾ ڪڪڙيون ورهايون پيون وڃن

نوان جتوئي پوليس مبينا مقابلي ۾ ٻن ڦورن کي زخمي ڪري ڇڏيو

هي ڦورو آهن جيڪي مختلف ڏوهن ۾ گهربل رهيا آهن وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

ڦورن عالماڻي برادريءَ جي ماڻهن کان ڦر ڪئي مزاحمت هڪ فوجي جوان کي زخمي پڻ ڪيو هو

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) نوان جتوئي پوليس مبينا مقابلي ۾ ٻن ڦورن اظهر ڀٽي ۽ عرفان ڀٽي کي زخمي ڪري ڇڏيو مورو اسپتال منتقل ڪيو ويو ان موقعي تي ايس ايڇ او مورو علي اڪبر ڪوڪر ۽ ايس ايڇ او نوان جتوئي وڪيل احمد ٻڍايو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

انشاءالله فلسطين جي عوام جي ڏنل قرباني رنگ لاهيندي: جاويد شاهه

اسرائيل فلسطين ۾ جيڪا جارحيت شروع ڪئي آهي ان ظلم جو ڪٿي به مثال نٿو ملي

فلسطين جلد اسرائيل جي جارحيت مان نجات پائيندو، اسرائيل کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو وڃي

ٺٽو (ٻر) عزاداري ڪائونسل ضلعي ٺٽي جي صدر جاويد شاهه يوم القدس جي موقعي تي پنهنجي جاري ڪيل پريس بيان ۾ چيو آهي ته اسرائيل فلسطين ۾ جيڪا جارحيت شروع ڪئي آهي ان ظلم جو ڪٿي به مثال نٿو ملي، هيتري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

خيرپور ناٿن شاهه ۾ سنڌي ادبي سنگت جي چونڊ

محبوب زنگيجو جوائنٽ سيڪريٽري ۽ ٻين کي چونڊيو ويو

احسان زنگيجو آڊيٽر، بخت ٻرڙو خزانچي، مصطفيٰ چنو ڪائونسلر مقرر

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽر برڪت علي چانڊيو) سال 2024 لاءِ سنڌي ادبي سنگت شاخ خيرپورناٿن شاهه جي چونڊ ضلعي رابطه سيڪريٽري معصوم بخاري جي صدارت ۾ ٿي گذري، تفصيل موجب سال 2024 لاءِ سنڌي ادبي سنگت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٺٽي جي تاريخي شاهجهان جامع مسجد ۾ وڏو اجتماع

جمعة الوداع جي موقعي تي ملڪ جي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ دعائون

مسجد ۾ عورتن جي نماز پڙهڻ لاءِ الڳ جڳهه قائم ڪئي وئي

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) جمعة الوداع جي موقعي تي ٺٽي جي تاريخي شاهجهان جامع مسجد ٺٽو ۾ وڏو اجتماع ٿيو جمعة الوداع جو خطبو حافظ قاري عبدالباسط صديقي پڙهيو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ماڻهو جمعة الوداع جي موقعي تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر ۾ ڌوهارين به ڏوهه ڪرڻ جو نئون طريقو اختيار ڪري ورتو

ماسڪ پاتل ڌوهاري ايريگيشن جي ملازم کان پئسا ڪڍي ڏيڻ جي بهاني ڦر ڪري ويا

واقعي جي رپورٽ حد جي ٿاڻي تي داخل هوندي به سکر پوليس روائتي انداز ۾ چپ ٻڌل

سکر (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سکر عابد علي بلوچ پاران ڌوهارين جو گهيرو تنگ ڪرڻ بعد ڌوهارين به ڏوهه ڪرڻ جو نئون طريقو اختيار ڪري ورتو، سکر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد سکر جي ڳتيل آبادي واري علائقي تير چوڪ لڳ مائنڪر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

مٺي پاڻي جو پلانٽ 6 ملين گيلن في ڏينهن جي ڪارڪردگيءَ سان ڪم ڪري رهيو آهي: سيپا

سيوريج جي پاڻي جا نمونا (samples) ورتا ۽ انهن سمپلز کي معائنا لاءِ ليبارٽري موڪليو ويو

عوام کي پيئڻ جي صاف، شفاف ۽ جراثيم کان پاڪ پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ هميشه ڪوششون ڪري رهي آهي

سڪرنڊ (رپورٽر: راج ڪماراوڏ) سنڌ حڪومت جي ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ساحلي ترقي واري کاتي جي سيڪريٽري نبيلا عمر ۽ ادارا تحفظ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکر سول اسپتال جي مين ميڊيڪل اسٽور تي مقرر ڊسپينسر ڊبل شاهه ٻڌجي ويو

هڪئي وقت چار چارجون حوالي، ڪک پتي مان ڪروڙ پتي، روزانو دوا خريداري ۾ لکين رپين جي ڪرپشن جو انڪشاف

غير معياري دوائون خريدي ڪري ملٽي نيشنل جا بل پاس، ايم ايس سول اسپتال جي پٺڀرائي سبب ڪرپشن ۾ ڇوٽ مليل

دوائن جي خريداري توڙي مشينري جي خريداري، ڊيٽ اسٽاڪ گيس آڪسيجن مان ڪروڙين رپين جو ڪوڙا بل پاس ڪرائي ورتا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر سول اسپتال جي مين ميڊيڪل اسٽور تي مقرر نياز شاهه نالي ڊسپينسر ڊبل شاهه ٻڌجي ويو ايم ايس جي ملي ڀڳت سان هڪئي وقت چار چارجون حوالي، ڪک پتي مان ڪروڙ پتي، روزانو دوا خريداري ۾ لکين رپين جي ڪرپشن جو انڪشاف، غيرمعياري دوائون خريدي ڪري ملٽي نيشنل جا بل پاس، ايم ايس سول اسپتال جي پٺڀرائي سبب ڪرپشن ۾ ڇوٽ مليل، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

سکر: سول اسپتال جي مين اسٽور تان مريض دوائون خريد ڪري رهيا آهن

ملير ۾ ٽريفڪ پوليس شهرين لاءِ رڻ ٻاري ڏنو، ٽريفڪ پوليس هنداڻن سان ڀريل ٽرڪ ۽ مزدا روڪي هنداڻا لاهي ورتا

ملير (ڏ ر) ملير ۾ ٽريفڪ پوليس شهرين لاءِ رڻ ٻاري ڏنو گهگهر ڦاٽڪ ڀرسان ٽريفڪ پوليس نئو ويندڙ هنداڻن سان ڀريل ٽرڪ ۽ مزدا روڪي هنداڻا پڻ لاهي ورتا 20 هزار کان وڌيڪ رقم وٺڻ تي ٽرڪ ڊرائيور ٽريفڪ پوليس چوڪي اڳيان احتجاج ڪري ويهي رهيو ڊرائيور روئي بيحال ٽريفڪ پوليس انچارج ۽ آر ڪي خلاف داهون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

بدين ۾ مبينا قتل ٿيندڙ عورت مسمات انا انڙ جي قبر ڪشائي جو حڪم

ايس ايس پي شيراز نظير عباسي واقعي جون ميڊيا تي خبرون هلڻ بعد نوٽيس وٺندي ايس ايڇ کي حڪم ڪيو

انا انڙ جي قبر ڪشائي ۽ ان جو پوسٽ مارٽم ۽ ميڊيڪل ڪرائڻ جي اجازت لاءِ درخواست داخل ڪئي وئي

واقعي بابت متعلقه ڪورٽ کان اجازت ملڻ ڪانپوءِ فوتڻ انا انڙ جي قبر ڪشائي بعد سنڌس ميڊيڪل ڪرايو ويندو: ايس ايس پي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ بدين ۾ مبينا قتل ٿيندڙ عورت مسمات انا انڙ جي قبر ڪشائي ۽ لاش جو پوسٽ مارٽم ۽ ميڊيڪل ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو تفصيل موجب ايس ايس پي بدين شيراز نظير عباسي مسمات انا انڙ واقعي جون ميڊيا تي خبرون هلڻ بعد نوٽيس وٺندي ايس ايڇ بدين محمود پٺاڻ کي حڪم ڪيو جنهن تي هن سول جج ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪراچي ۾ غلام مرتضيٰ جتوئي جي گهر تي پوليس چڙهائي خلاف احتجاجي مظاهرو

آل جتوئي ويلفيئر اتحاد ڪراچي ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري بادل خان جتوئي ۽ ٻين اڳواڻن احتجاجي مظاهرو ڪيو

سنڌ پوليس غلام مرتضيٰ جتوئي مٿان هٿ ٺوڪيا ڪوڙا ڪيس داخل ڪري حراسان ڪري رهي آهي: مظاهرين

جتوئي برادري جي معززين تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري لکين جتوئي برادري جي ماڻهن کي مايوس نه ڪيو وڃي

ملير (رپورٽ فاروق پنگوار) ڪراچي ۾ اڳوڻي وفاقي وزير ۽ جي ڊي اي جي مرڪزي اڳواڻ غلام مرتضيٰ جتوئي جي گهر تي پوليس چڙهائي خلاف فقيرا ڳوٺ جي جتوئي برادري پاران سخت احتجاج ڪيو، جنهن ۾ آل جتوئي ويلفيئر اجوا ڪراچي ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري بادل خان جتوئي، ماما شاهه دوست جتوئي، افضل جتوئي، قاري علي محمد جتوئي، هاشم جتوئي، حبيب الله جتوئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ملير: غلام مرتضيٰ جتوئي جي گهر مٿان پوليس چڙهائي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊوباگو ۾ شيعا تنظيم اصغريہ اسٽوڊنٽ آرگنائيزيشن پاران احتجاج

ٽنڊوباگو (رپورٽ رفاقت جروار) ٽنڊوباگو ۾ شيعا تنظيم اصغريہ اسٽوڊنٽ آرگنائيزيشن، شيعا علماء ڪائونسل ۽ ايم ڊبليو ايم جي ڪارڪنن جي وڏي تعداد پاران رمضان شريف جي آخري جمع تي قبلاول بيت المقدس جي آزادي ۽ فلسطين ۾ اسرائيل پاران قتل عام بند ڪرڻ لاءِ جمع نماز بعد مسجد معصوميہ کان مهدي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

گهارو شهر ۾ منشيات فروشن رهواسين جون جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو

شهرين پاران منشيات فروشن خلاف ڪاروائي ڪري شهرين کي انهن جي ظلمن مان نجات ڏيارڻ جي گهر

بااثرن پاران سرعام آئيس، هيروئن ۽ ڪچي شراب ٺري جو وڪرو هن رمضان جي پلاري مهيني ۾ به جاري آهي: رهواسي

منشيات فروش ڏوهارين کي گرفتار ڪري ڪين ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي، جيئن اتان جا رهواسي سک جو ساهه کڻي سگهن

ٺٽو (ٻر) گهارو شهر ۾ منشيات فروشن دوست علي جويو ۽ سنڌس پٽ صدام حسين جويو شريف شهرين جو جيئڻ جنجال بنائي مٿان حملا ڪرڻ لڳا، شهرين پاران منشيات فروشن خلاف ڪاروائي ڪري شهرين کي انهن جي ظلمن مان نجات ڏيارڻ جي گهر ڪري ڇڏي آهي، ان سلسلي ۾ مليل ڄاڻ موجب نئي آبادي گهارو ۾ منشيات فروش دوست علي جويو ۽ سنڌس پٽ صدام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ملير پرسان قديمي قبرستان تي لينڊ مافيا جي قبضي خلاف درخواست داخل

سورمي موڪيءَ جي مزار واري قديمي قبرستان تي لينڊ مافيا جي قبضي خلاف ڳوٺاڻي ٿاڻي تي درخواست ڏئي ڇڏي

لينڊ گريبرن پاران فريادي غلام سرور مگسي کي جاني مالي نقصان پهچائڻ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون

اپيل ڪيان ٿو ته لينڊ گريبرن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري قبرستان واري زمين تي قبضو ختم ڪرايو وڃي: ڳوٺاڻو

ملير (رپورٽ فاروق پنگوار) شاهه جي سورمي موڪيءَ جي مزار واري قديمي قبرستان تي لينڊ مافيا جي قبضي خلاف ڳوٺاڻي پاران گڏاپ ٿاڻي تي درخواست ڏئي ڇڏيو لينڊ گريبرن پاران فريادي غلام سرور مگسي کي جاني مالي نقصان پهچائڻ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون. تفصيل موجب چار ڏينهن اڳ موڪيءَ جي قديمي قبرستان واري زمين تي لينڊ مافيا جي قبضي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ملير: موڪي جي قبرستان تي قبضو ٿي رهيو آهي، ٻئي طرف درخواست جو ڏيک

خانپور ۾ مجلس وحدت المسلمين پاران يوم القدس ريلي

خانپور مهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپور مهر شيعه علماء ڪائونسل تعلقه خانڳڙهه پاران فلسطيني عوام جي حمايت ۾ ريلي ڪڍي وئي، مولوي احمد خان انڙ، ڊاڪٽر شاهنواز سمون، سيد عبدالله شاهه بخاري، غلام علي، معشوق سمون، مشتاق سمون، استاد ياسين دايو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ شيعه علماء ڪائونسل پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سکر: سي پيڪ ۽ بجلي تارون سميت گهرن مان چوريون ڪرائيندڙ پاتاريدارن سان ٿاڻي جو منشي هٿ ٻڌل

پوليس ڌوهاري رازو ميربحر کي گرفتار ڪيو ته هن ساٿي چورن جا نالا ٻڌايا جنهن بعد ڪاڪو مسڻ کي به پڪڙيو ويو پر بااثرن رشوت عيوض معاملو ليپي مٿي ڪرائي ڇڏيو

ٿاڻي تي مقرر وڏي منشي عبدالقيوم ڪونهارو کي رشوت ڏئي معاملو ليپي مٿي ڪرائي چورن کي ڇڏائڻ بعد ايس ايس پي آفيس سکر ۾ وڃي ڌاهيندڙ شهرين کي ڌمڪيون

ڪجهه سال اڳ اروڙ يونيورسٽي لڳ قومي شاهراهه تي سيد اويس شاهه جي رائلٽي واري ناڪي تي منشي هوڃتان هن کي چوري الزام هيٺ ڪڍيو ويو هو

سکر (بيورو رپورٽ) پٽني ۾ چورن جو راڄ قائم سي پيڪ ۽ بجلي تارون سميت گهرن مان چوريون ڪرائيندڙ پاتاريدارن سان ٿاڻي جو منشي هٿ ٻڌل پوليس ڌوهاري رازو ميربحر کي گرفتار ڪيو ته هن ساٿي چورن جا نالا ٻڌايا جنهن بعد ڪاڪو مسڻ کي به پڪڙيو ويو پر بااثرن رشوت عيوض معاملو ليپي مٿي ڪرائي ڇڏيو ايس ايس پي آفيس داهيندڙ شهرين کي ڌوهارين پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

دڙو ۾ يوم القدس تي اسرائيلي جارحيت خلاف ۽ فلسطيني عوام جي حق ۾ احتجاجي ريلي

اصغريا آرگنائيزيشن پاران شاهد شاهه، سومار سومرو، عزيز قريشي، جاويد شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي

اسرائيل دهشتگردي ذريعي فلسطين ۾ بيگناهه مسلمانن جي نسل ڪشي ڪري رهيو آهي: مظاهرين جون دانهون

فلسطين ۾ مسلمانن جو قتل عام بند ڪيو وڃي، اسرائيلي جارحيت خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

دڙو (ن سنڌ يار) دڙو ۾ يوم القدس جي موقعي تي اسرائيلي جارحيت خلاف ۽ فلسطيني عوام جي حق ۾ احتجاجي ريلي، دڙو ۾ اصغريا آرگنائيزيشن پاران يوم القدس جي موقعي تي ريلي ڪڍي وئي، اصغريا آرگنائيزيشن پاران شاهد شاهه، سومار سومرو، عزيز قريشي، جاويد شاهه ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سيد احمد شاهه جي پڙ کان پل چوڪ تائين اسرائيلي جارحيت خلاف ريلي ڪڍي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

القدس لنا
AOP-AOPK

دڙو: يوم القدس جي حوالي سان اسرائيلي جارحيت خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سجاول ۾ مجلس وحدت مسلمين پاران احتجاجي ريلي

سجاول (رپورٽر ممتازعلي نهڙيو) مجلس وحدت مسلمين ضلع سجاول طرفان اسرائيلي جي بربريت خلاف مظلوم فلسطينين سان اظهار يڪجهتي لاءِ ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو، حاجي مظفر علي لغاري، مختيار احمد دايو، علامه مولانا غلام نبي جعفري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ مسجد الحسيني سجاول کان حيدري چوڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ڇنڇر 06 اپريل 2024ع

پاڻيءَ ۾ پساهه آهن!

سنڌ سان پاڻيءَ جي معاملي تي نا انصافيءَ جو انت اڃي نه سگهيو آهي. 1991ع واري پاڻي ٺاهه تي عمل نه پيو ڪيو وڃي. پنجاب ڪنهن به واعدي ۽ معاهدي کي مڃڻ لاءِ تيار ڪونهي. وفاق ۽ ٻيا صوبا ان جا ٻرجهلاتي بيٺل آهن. پاڻي ورڇ ۾ نا انصافيءَ سبب سنڌ جي سرير ۾ صحرا سرايت ڪندو وڃي. زمينون ٻٽ ۽ بنجر بڻجنديون وڃن. سنڌ جي مجاز فورمن تي احتجاج ڪي ليکي ۾ ئي نٿو آندو وڃي. هن ڀيري به خريف جي پاڻيءَ جي ورڇ ۾ نا انصافيءَ جو تسلسل برقرار رکندي ورڇ 1991ع جي پاڻي ٺاهه جي پيرا_2 موجب ڪرڻ بدران ٽه رخي فامولي تي ڪرڻ جي ارسا جي صلاحڪار ڪاميٽيءَ منظوري ڏيئي ڇڏي آهي ۽ 30 سيڪڙو پاڻي کوٽ ڄاڻائي صوبن ۾ ورڇ ڪئي وئي آهي. اهڙي نا انصافيءَ تي سنڌ جي نمائندي احتجاج ڪيو، پر ان کي ٻڌوائڻ ٻڌو ڪيو ويو.

هڪ طرف پنجاب جي صنعتن جو زهريلو پاڻي سکر جي صالح پٽ واري علائقي تائين سنڌ جي زرخيز زمينن کي ڏيڻ ۾ تبديل ڪري چڪو آهي ته ٻئي طرف ڊيلٽا ۾ درياهه جو پاڻي نه ڇڏڻ جي ڪري سمنڊ لکين ايڪڙ زرخيز زمينون ڳڙڪائي ويو آهي ۽ اهو سلسلو اڃان تائين جاري آهي. سنڌ سسندي ۽ سوڙهي ٿيندي وڃي. باقي جيڪا وچ واري رهيل ايراضي آهي، ان کي به زرعي مقصدن لاءِ پاڻي نه ملڻ جي ڪري بنجر بڻجندي وڃي. هڪ ته پاڻي ورڇ ۾ نا انصافي ڪري گهٽ پاڻي ڏنو وڃي ٿو ۽ ٻيو وري سنڌ تائين پهچندي پهچندي رستي مان ئي لفٽ مشينن وسيلي چوري ڪيو وڃي ٿو. سنڌ اها گهر ڪندي رهي آهي ته ان کي پاڻي گڊوءَ تائين پهچائي ڏنو وڃي، پر ايئن نٿو ڪيو وڃي، جنهنڪري ٻڻ سنڌ کي نقصان ٿئي ٿو. سنڌ ۾ پاڻيءَ جي شديد کوٽ زرعي معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ ۾ جرجو پاڻي ڪارو آهي جڏهن ته پنجاب جو جرجو پاڻي مٺو آهي پر پنجاب ان پاڻيءَ کي سسٽم ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ تيار نه آهي.

ٺاهه هميشه عمل لاءِ هوندا آهن پر جڏهن انهن تي عمل نه ٿئي ته ان ٺاهه جي ڪابه حيثيت نٿي رهي. توڙي جو 1991ع واري پاڻي ٺاهه ۾ سنڌ سان انصاف نه ڪيو ويو هو ۽ ان دور ۾ مرڪز ۾ نواز شريف جي حڪومت هئي ۽ سنڌ ۾ ڄام صادق علي وڏو وزير هو. توڙي جو اها سنڌ جي نمائنده حڪومت ڪونه هئي پر ان جي باوجود سنڌ ان ٺاهه کي به قبول ڪيو. هاڻي جڏهن مرڪز ۾ نواز ليگ جي حڪومت آهي ته ان حڪومت ۾ سنڌ سان نا انصافيءَ جو تدارڪ نه پيو ٿئي. پاڻي ٺاهه 1991ع ۾ ڪيو ويو پر ان تي صرف ٻن ٽن سالن لاءِ اڌو گابرو عمل ٿيو ۽ ان ڪانپوءِ لڳاتار ٽه رخي فارمولي تحت ورڇ ٿيندي اچي، جنهن جو پاڻي ٺاهه سان ڪو تعلق ئي ڪونهي. هڪ ته ان فارمولي تحت گهٽ پاڻي ڏنو وڃي ٿو ۽ ٻي نا انصافي اها آهي ته پنجاب طرفان نوان نوان پاڻي پراجيڪٽ شروع ڪري ڏوعس ۽ داداگيري سان پاڻي کنيو وڃي ٿو. هينئر چولستان جي زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ غير قانوني طور تي ارسا مان پاڻيءَ جي منظوري ورتي وئي آهي. چشمه جهلم لنڪ ڪئنال ۽ تونسا پنجند لنڪ ڪئنال جي ذريعي به اڙهه زوراڻي ڪندي پاڻي کنيو وڃي ٿو. جيئن ته اهي ٻئي واهه فلڊ ڪئنال آهن، جن کي صرف ۽ صرف ٻوڏ وارن ڏينهن ۾ وهائڻو هوندو آهي پر پنجاب انهن جي ذريعي سڄو سال پاڻي کڻندو رهي ٿو. سنڌ ۾ ڪوٽڙي کان هيٺ پاڻي نٿو ڇڏيو وڃي، جنهنڪري ڊيلٽا ۾ وڏي تباهي آئي آهي ۽ درياهه جو مٺو پاڻي سمنڊ ۾ نه وڃڻ جي ڪري سمنڊ اڳتي ڏوڪيندو اچي ۽ سنڌ جون زرخيز زمينون ڳڙڪائيندو وڃي. جنهن سبب جتي سنڌ جي معيشت تباهه ٿي آهي، اتي ماحوليات کي پڻ هاڃو رسيو آهي.

سنڌ ڪو مفتوح علائقو ڪونهي، جنهن سان اها روش رکي پئي وڃي. انهيءَ روش ۽ رويي بنگلاديش کي جنم ڏنو هو. اسان جي حڪمرانن کي تاريخ مان سکڻ گهرجي. سنڌ پاڻي ورڇ ۾ نا انصافي ڪنهن به صورت ۾ برداشت ڪونه ڪندي، ڇو ته پاڻي زندگي آهي، پاڻيءَ ۾ پساهه آهن. ان ڪري معاملي جي سنجيدگيءَ کي سمجهندي پاڻي ورڇ 1991ع واري ٺاهه جي پيرا_2 تحت ڪئي وڃي.

سنڌ جي ٻن چيفس لاءِ هڪ ٽيسٽ ڪيس

رحمت الله ٻرڙو

چيف سيڪريٽري سنڌ کي کپي ته اڪثر طور سنڌ ۾ ڪڻڪ جي خريداريءَ لاءِ ورتل ڪمرشل بينڪن کان قرض رشوت جي زمري هيٺ استعمال ٿئي ٿو. اوهان اعلي عهدي تي ويهي اهو عوامي فرض سمجهندي جاچ ڪرايو ته فقط گذريل ڏهن سالن اندر ڪيترو ڪمرشل بينڪن کان قرض ورتو ويو ۽ ان جي واپسي ڪيئن ٿي ته فقط ۽ فقط هن اداري جي هن مد ۾ ٿيندڙ ڪرپشن وائکي ٿي پوندي!! ان ۾ ملوث ڪردار سامهون اچي ويندا. اڪثر طور جيڪو ان مد ۾ گٺ جوڙ ٿئي ٿو ته ان ۾ سيڪريٽري فوڊ کاتو، ڊائريڪٽرز کان ويندي فوڊ انسپيڪٽرز، ڊي ايف سيز ۽ پروڪيورمينٽ سيڪشن جا زميوار ملوث رهيا آهن.

بحيثيت چيف سيڪريٽري سنڌ اوهان کي هن وقت اهو ڪم ڪرڻ ۾ آساني ٿيندي جو چيف منسٽر سنڌ اوهان کي سنڌ ۾ چيف سيڪريٽري طور رکرائڻ ۾ خاص دلچسپي رکي آهي ته جيئن هن کي ڪم ڪرڻ ۾ آساني پيدا ٿئي. چيف سيڪريٽري سنڌ ۽ چيف منسٽر سنڌ جا عهدا سنڌ جا زميوار عهدا آهن. جيڪي عوامي مفادن جي تحفظ ۽ ادارتي بهتريءَ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ جو فرض ادا ڪندا آهن. ايئن واري سرڪاري تعلقداريءَ واري ويجهڙائيءَ وانگر اوهان پاڻ ۾ پنهنجي خانداني رشتن ۾ به ويجها پڻ آهيو هاڻي ته اوهان ايتري قدر هم آهنگيءَ سان عوامي بهتريءَ لاءِ ايترو ته بهتر ڪردار ادا ڪري سگهو جيڪو پڻ مثالي ۽ تاريخي هجڻ جي برابر هجڻ کپي. ڇو ته ههڙا اتفاق تاريخ ۾ گهٽ ته پر ان ٿيا هوندا آهن جيئن اوهان جو جوڙ ٺهيو آهي. چيف سيڪريٽري سنڌ ۽ چيف منسٽر سنڌ هڪ گهر جا 2 فرد هجن ته پوءِ ڪم ڪرڻ ۾ ۽ عوامي فرض ادا ڪرڻ ۾ ٻئي ڪهڙي وقت جو انتظار ڪجي هن وقت وانگر.

سو هاڻي فقط هي هڪ معمولي ڪم ڏسڻ ۾ اچي ٿو جو ته سموري صوبي مان هڪ کاتي خوراڪ کاتي جي هڪ سيڪشن جي رپورٽ منظر تي اچي وڃي ته اها معمولي سرگرمي ڪنهن وڏي غير معمولي ڪارگذاريءَ کان گهٽ ڪونه هوندي. ان لاءِ هي موقعو تمام بهترين آهي ڪم ڪرڻ جو ۽ اوهان جي چيف منسٽر سان ۽ چيف منسٽر جي اوهان چيف سيڪريٽريءَ سان هڪ فقط ذهني هم آهنگي ٿي نه پر تمام وڏي ويجهڙائيءَ واري رشتيدارن به آهي. ههڙو موقعو جيڪڏهن ماضيءَ ۾ ڪنهن ٻي وزيراعلي کي ملي هان ته هو منهنجي خيال ۾ تمام وڏو ڪم ڪري سگهن پيا.

مسٽر چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه ۽ مسٽر چيف منسٽر سنڌ مراد علي شاهه اوهان لاءِ اها هڪ وڏي چئلينج آهي ته سنڌ لاءِ گذريل ڏهن سالن جي ڪارگذاري رپورٽ سامهون اچي وئي ته خوراڪ کاتي جي ڪرپشن پنهنجي جاءِ تي سنڌ حڪومت جي ڪڻڪ پاليسي به سامهون اچي ويندي ته هر سال فقط ڪڻڪ خريداريءَ جي لاءِ جنهن کي اسٽيٽ ٽريڊنگ چيو وڃي ٿو لاءِ جيڪو ڪمرشل بينڪن کان قرض وياج تي ورتو وڃي ٿو ان جي واپسي ڪهڙي مد ۾ ڪٿان ٿئي ٿي؟ انڪري اسان جيڪا ڳالهه مشاهداتي بنيادن تي محسوس ڪئي آهي سان اوهان آڏو رکون ٿا. مثال طور ڪڻڪ خريداريءَ لاءِ هن سال به 9 لک ميٽرڪ ٽن جي مد ۾ بينڪن کان ڪوئي 9 ارب روپيا قرض ورتو ويندو اهڙو عمل هر سال ٿيندو رهندو آهي ۽ رهندو رهيو آهي ان ۾ ڪائي رڪاوٽ ناهي آئي. ته هاڻي سوال اهو اهم آهي ته اهو قرض ۽ ان قرض تي بينڪن جو وياج ڪهڙي مد ۾ ڪيتان ڪٽوتي ٿئي ٿي؟ اسو واضح ٿيڻ ضروري آهي. اسانجو هتي اهو چوڻ جو مقصد اهو آهي ته اسٽيٽ ٽريڊنگ ذريعي ڪڻڪ خريداريءَ لاءِ ورتل قرض جي گارنٽي اسٽيٽ بينڪ وفاقي حڪومت جي گارنٽيءَ تي ڏيندي آهي ۽ اهڙيءَ طرح سان وفاق اسٽيٽ بينڪ وٽ ذميوار آهي ته صوبو قرض واپس ڪندو جي نه ته ٿيندو اهو آيو آهي سنڌ جي حوالي سان ته اهو قرض واپس نه ڪرڻ جي بنياد تي وفاق اين ايف سي ايوارڊ مان پنهنجي جوائنٽ سيڪريٽري بجيٽ معرفت ڪٽوتي ڪري وٺندو آهي. ان بنياد تي ته هتي سنڌ ۾ هر سال ڪڻڪ جي گدامن مان ڪڻڪ چوريءَ جون وارداتون اربين روپين جي ڪڻڪ ٻورين جي مد ۾ ٿين ٿيون باقي جيڪي بچي ٿو سو به مد خارج ۽ ناڪاره ڪري سستي اگهه تي نيڪال ڪيو ويندو آهي. اها هڪ ڏهاڪي تي محيط رپورٽ تيار ڪرائي پبلڪ سامهون آندي وڃي ته ڪرپشن جو معمولي ڪم جيڪو ڪنهن به غيرمعمولي ڪم کان گهٽ نه هوندو سو سامهون اچي ويندو ۽ ايئن هڪ سروي رپورٽ اهڙي نموني جي ڪيترين ئي اوڻاين کي ظاهر ڪري وجهندي. اڄ اوهان تي اها ڳالهه ڪرڻ جو مقصد اهو آهي ته موجوده سنڌ حڪومت جو چيف ايگزيڪيوٽو ۽ اوهان جي هڪ گهر واري تعلقداري، چيف منسٽر سان وفاقي حڪومت جو اتحادي هجڻ جهڙا موقعا وري ڪڏهن ڪونه ملندا.

ان لاءِ سنڌ ۾ هي ڪم هڪ نموني جو ٽيسٽ ڪيس طور هوندو جنهن کي اوهان ۽ چيف منسٽر سنڌ جي بهتر ڪارڪردگي طور ڳڻيو ويندو. هتي اوهان آڏو گذريل ڏينهن جي ميڊيا رپورٽ مثال طور سامهون رکجي ٿي ته فقط خيرپور ضلعي جي خوراڪ کاتي ۾ 15 ڏينهن اندر ٽيون ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر مقرر، ڪڻڪ گم ڪرڻ جي الزام ۾ هٽايل به سرگرم. خريداري شروع نه ٿي. ضلعي جي گدامن مان 42 هزار ڪڻڪ جون ٻوريون گم ٿيڻ واري معاملي بعد سکر مان ڊپٽي ڊائريڪٽر پهچي جائزو ورتو ڊپٽي ڊائريڪٽر بشير شيخ گدامن ۾ موجود ڪڻڪ بابت جاچ ورتي، معطل ڊي ايف سي ڪٽل ڪڻڪ پوري ڪرڻ لاءِ سرگرم. هٽايل ڊي ايف سي منور ميراڻي گهٽ اگهه تي ڪڻڪ وٺي انگ پورو ڪرڻ ۾ سرگرم. نئين ڊي ايف سي اختر بوزدار پاران چارج نه وٺڻ سبب خوراڪ کاتي حاڪم علي مهر کي نئون ڊي ايف سي مقرر ڪري ڇڏيو. اهڙي نموني ڪڻڪ خريداريءَ جي لاءِ باردانو ۽ ٽرانسپورٽ جو خرچ به اهڙي نموني اربين روپين جو ٿئي ٿو جنهن ۾ به ڪروڙين روپين جون گهوٻيون ٿين ٿيون. اڳتي ايندڙن لاءِ به هڪ نموني طور هيءَ رپورٽ ڪم ڪرڻ ۾ آساني پيدا ڪري سگهندي. سنڌ ۾ ڪرپشن جي راڄ جون جيڪي ڳالهيون هلن پيون سي ظاهر ٿي پونديون ته ڪرپشن ڪٿي ڪٿي ڪير ڪير ڪري رهيو آهي. اهي رپورٽون هر سال جيان هن سال جون به آهن ته ڪڻڪ جي گدامن مان لکين ٻورين جيڪي اربين روپين جي ڪڻڪ چوري ٿئي ٿي سي سامهون اچي رهيون آهن. ان ڪري ڪڻڪ خريداريءَ کان ڪڻڪ چوريءَ ۾ ملوث ڪردارن جي به لسٽ تيار ڪئي وڃي ته ڪير ڪير ڪڏهن کان ملوث رهيو آهي. اطلاع آهي آهن ته هن سيزن ۾ سيڪريٽري خوراڪ سنڌ جي پوسٽنگ 10 ڪروڙن اندر ٿئي ٿي!! اهڙي نموني هڪ وڏي عرصي کان خوراڪ کاتي اندر سيڪريٽريٽ کان ويندي اڪثر ضلعي پوسٽنگ تي ريشفلنگ ٿئي ڪونه ٿي ۽ رشوت عيوض اتي سالن کان ويٺل ڪردار ملوث آهن جيڪي هيٺان کان ڪرپشن ڪري مٿي پهچائن ٿا. اميد تي ڪجي ته چيف سيڪريٽري سنڌ جي حيثيت ۾ اوهان لاءِ ۽ چيف منسٽر سنڌ لاءِ بهترين موقعو آهي ته هو اها رپورٽ سامهون آڻي ويا ته ڪرپشن ۾ ملوث ڪردار سامهون اچي ويندا.

ڪوئي ڪهي سپرين، ڪوئي ڪهڻَ ساڻ؛
نيزي هيٺان نِينهنَ جي، پاسي ڪر مَ پاڻ؛
ڄُلُ، وِڃائي ڄاڻ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

محمد حسين ڪاشف جي لطيف شناسي

محمد حسين، حافظ محمد عمر ڪنڀار جي گهر 3 فيبروري 1930ع ۾ ڇمبڙ ۾ جنم ورتو. "ڪاشف" تخلص جي ڪري محمد حسين ڪاشف سڏيو ويندو آهي. ورنيڪيولر فائينل ۽ اديب عالم جا امتحان پاس ڪري پرائمري استاد طور تعليم کاتي ۾ ڪم ڪيائين. شاهه عبداللطيف ريسرچ سينٽر جو انچارج ڏهاڪو کن سال رهيو. کيس لطيفي لنئون لڳي. هن ڏس ۾ 1952ع ۾ تحقيقي ڪم شروع ڪيائين جو پوءِ مستقل ۽ مسلسل ڪندو رهيو هن نثر ۽ نظم ٻنهي ۾ لکيو هڪ سٺي شاعر طور سندس سڃاڻپ آهي، پر کيس گهڻي مشهوري لطيف شناسيءَ جي ڪم باعث ملي، اڪيڊمي ادبيات اسلام آباد طرفان شاهه عبداللطيف قومي ادبي ايوارڊ تي پيرا مليس ته ثقافت کاتي پاران پڻ شاهه عبداللطيف ايڪسيلنسي ايوارڊ ۽ ٻيا ڪيترا اعزاز انعام ۽ اڪرام مليس. محمد حسين ڪاشف جا مقالا لطيفي ڪانفرنسن جي ڪتابن ۽ ٻين گڏيل مجموعن ۾ ڇپيل آهن جيئن، "موجوده دور ۾ شاهه لطيف جي اهميت"، "لاکو ڦلاڻي"، "گوندر هٽ نه پير"، "تصوف جو سنڌي سماج تي اثر"، "سامونڊي ڪوسنگ"، "ويلي ويڇن وٽ"، "پنهيءَ ٿيون پڙڪن"، "ڪٿيءَ وٿيون ڪٿيون"، "شاهه جي رسالي جي تحقيق ۽ شرح"، "سر ڏيسي ترتيب ۽ تفهيم"، "شاهه جي ڪلام جا فڪري ماخذ" ۽ ٻيا ڪائي مقالا ۽ مضمون آهن.

ڇپيل ڪتابن ۾ ڪنڌي ڪونئرڙن: پهريون ڇاپو مقصود پبليڪيشن حيدرآباد 1990ع ۾ شايع ڪيو 226 صفحن جي هن ڪتاب تي ليکڪ کي اڪيڊمي ادبيات اسلام آباد پاران شاهه لطيف قومي ايوارڊ مليو. ٻيو ڇاپو سنڌي ساهت گهر 2021ع ۾ شايع ڪيو.

لطيفي فڪرن ۽ سرن جي ساڃاهه: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز 2005ع ۾ شايع ڪيو جنهن ۾ آيل موضوع "صوفي فڪر ۽ لطيف"، "لطيفي فڪر جا مزاحمتي رويا"، "سسئي ۽ سور ويا پٽيندا پاڻ ۾"، "ڪاهوڙيءَ خفي سان"، "پلي جائي مارئي"، "ليلان ڇڏ ليهور"، "ڪراڙيڻ ڪنگهار ڪي"، "سر مومل جو فلسفو/ماهيت"، "شاهه جي رسالي جي تحقيق ۽ شرح"، "اي تان آهه عشق جي"، "گوڏڙيءَ ۾ گل"، (عثمان علي انصاريءَ جي مرتب ڪيل رسالي جو جائزو)، "سر پرڀاتيءَ جو تفهيمي اڀياس" ۽ ٻيا آهن.

شاهه جي رسالي جي سڃاڻي: جا پهريان ٻه جلد ثقافت ۽ سياحت کاتي پاران 2010ع ۽ 2011ع ۾ ڇپيا آهن. پهرين جلد ۾ "سرڪليان"، "يمن ڪلياڻ"، "کنڀات" ۽ "ٻروو سنڌي" بيتن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻيءَ سان آهن ته ٻئي جلد ۾ "سر سريراڳ"، "سامونڊي"، "گهاتو" ۾ ڪر آيل اسمن راڳ، بيتن ۽ لفظن جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي ڏني وئي آهي.

شاهه، سچل ۽ خليفو نبي بخش قاسم: ثقافت کاتي 2012ع ۾ شايع ڪيو 204 صفحن جو هي ڪتاب ٽن بابن (يعني ٽن شخصيتن جي فن بابت) آهي، جنهن ۾ لطيف سرڪار بابت آيل مواد ۾ "شاهه جي ڪلام جا فڪري ماخذ"، "لوچيان تي لاحد ۾"، "هيڪائي هيڪ هئي"، "ٽنتي ٽڏي ڪاهه"، "غافل غفلت ڇوڙ" آهن.

سيپتا جا سونهان: ثقافت کاتي پاران سيپٽمبر 2012ع ۾ ڇپيو.

شاهه جو ڪلام مقدار ۽ معيار: هن ڪتاب ۾ آيل موضوع "شاهه جي ڪلام جو مقدار يا معيار"، "شاهه جي رسالي جي تحقيق ۽ تشريح"، "پلڪ پايو سچ"، "لطيف جي ڪلام جي قلمي نسخن جو اڀياس"، "شاهه جو رسالو شاهه جو ڪلام جلد پنجين جو جائزو"، "ٻانهي خان شيخ جي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي جو جائزو"، "عثمان علي انصاريءَ جي مرتب ڪيل شاهه جي رسالي جو جائزو" ۽ ٻيا آهن.

محمد حسين ڪاشف وفات تائين لطيف شناسيءَ جي ڪم سان دل سان لاڳاپيل رهيو. هن 25 سيپٽمبر 2010ع بمطابق 15 شوال المڪرم 1431هه ڇمبڙ شهر ضلعي ٽنڊي الهيار ۾ وفات ڪئي.

شاهه جي وقت جي سياسي حالتن جي تجزيي کي بيان ڪندي لکي ٿو ته: "لطيف رح جي دور ۾ هتان جي سانگيئڙي ۽ مارو، کي سک جو ڪو سمون نصيب نه ٿيو هو ۽ هو ڌرتي ڌڪاڻن جي يلغار سبب اهنج ۽ آزار سهندو رهيو جنهن پيڙا کان شاهه رح بيساخته چئي ڏنو ته: ويڙل تي وايون ڪري، ڪنل ڪوڪاري، پنهنجي منَ جي مونجهه ۽ حالتن کي تبديل ڪرڻ لاءِ چيائين ته "ٽنتيءَ ٽڏيءَ ڪاهه ڪانهي ويل ويهڻ جي" تاريخي حقيقتن موجب لطيف جي وقت ۾ ملڪ وڏي ماندائڻ مان گذري رهيو هو ڪلهوڙا سنڌ جي آزاديءَ کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ لاءِ هٿ پير هڻي رهيا هئا. نادر شاهه هند ۽ سنڌ تي پنهنجا خوني چنبا آزمائي چڪو هو احمد شاهه ابداليءَ جي قيامت خيز چڙهائيءَ هتان جي رهواسيءَ کي ايڏو ته هيسيل ڪري وڌو هو جو ڪنهن کي ڪاسمڪ ۽ سڌ نٿي پئي ته آخر هي ڇا آهي؟ (ص 80، 86) لطيف رح استحصالي نظام جو مخالف آهي، جيڪو انسان جي روحاني، جسماني ۽ فڪري آزاديءَ تي ڌاڙو هڻي ٿو پوءِ ڇو نه اهو مذهبيت جي روپ ۾ هجي يا سرمائيداري ۽ آمريت جو نقاب پهريل هجي.

اڄ جو انسان سماجي هڪجهڙائيءَ، نسلي تفريق، آزادي ۽ نوآبادياتي جوڙجڪ، جمهوريت ۽ ملوڪيت، نجات ۽ غلامي، سائنسي ڄاڻ ۽ اڻ ڄاڻائي، طاقت ۽ ڪمزوري، انقلاب ۽ عاجزي، ڪميونزم ۽ سرمايه داري، ۽ قوميت جهڙن حقيقي تضادات جو مشاهدو ڪري رهيو آهي. ۽ ان مان گذري رهيو آهي. ڪنهن صحيح صورتحال نه هئڻ سبب دنيا جي هر حصي ۾ انسان ۾ ماريت جي چنبي ۾ آهي، جنهن انسان جي ذهن کي مهميزون ڏيئي جهوري وڌو آهي. اسان کي لطيف جي ڪلام مان انهن امڪاني توڙي ٻين حقيقتن لاءِ رهبري ونئي آهي. شاهه جو ڪلام انهن سڀني حقيقتن تي حاوي ۽ زندگيءَ جي وسعت جيان اجهاڳ سمنڊ آهي.

بقايا *** 01

سان اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو. ان موقعي تي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته دهشتگردي جي لعنت جي ملڪ مان خاتمي تائين ان جي خلاف جنگ جاري رکنداسين. وزيراعظم گهرو وزارت کي ملڪ ۾ دهشتگردي جي خاتمي ۽ صوبائي دهشتگردي جي خاتمي وارن ادارن جي وڌيڪ بهتري جي لاءِ صوبن سان تعاون وڌائڻ جي هدايت ڪئي. وزيراعظم ملڪي سيڪيورٽي خاص طور تي مختلف منصوبن تي ڪم ڪندڙ چيني شهرين جي سيڪيورٽي جي حوالي سان اجلاسن جو هر مهيني پاڻ جائزو وٺڻ جو فيصلو ڪيو. وزيراعظم سمورن سيڪيورٽي ادارن کي چيني شهرين جي سيڪيورٽي کي فول پروف بڻائڻ جي لاءِ قدمن جي پڻ هدايت ڪئي. وزيراعظم سيڪيورٽي ايس او پيز جي باقاعدگي آئوٽ جي لاءِ هڪ جامع حڪمت عملي بڻائڻ جي هدايت ڪئي. گهرو وزارت اجلاس ۾ وزيراعظم کي ملڪي مجموعي امن ۽ سلامتي جي صورتحال ۽ وزارت جي ڪارڪردگي جي حوالي سان بريفنگ ڏني. اجلاس ۾ وفاقي گهرو وزير سيد محسن نقوي، سيڪيورٽي ادارن جي سربراهن ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا *** 02

۾ چيو ويو آهي ته يوسف رضا گيلاني چيئرمين سينيٽ جي لاءِ پيپلزپارٽي جو اميدوار هوندو. پيپلزپارٽي پنهنجي اميدوار جي حمايت لاءِ ٻين پارلياماني جماعتن سان به رابطا ڪندي.

بقايا *** 03

جي معاشي ترقي تيزي تي رهي آهي ۽ ايندڙ مالي سال ۾ حقيقي اوسر جي شرح ٻه سيڪڙو کان وڌيڪ هوندي. جڏهن ته مالي سال 2025 ۾ مهانگائي جي شرح 26 مان گهٽجي 12.2 سيڪڙو ٿيڻ جو امڪان آهي. يو اين اڪنامڪ سروي ۾ چيو ويو آهي ته سياسي عدم استحڪام معاشي ترقي، ڪاروبار ۽ شهرين کي متاثر ڪيو. 2022 جي ٻوڏ جي تباهي سان زرعي پيداوار ۽ معيشت متاثر ٿي پر 2023 ۾ آءِ ايم ايف سان معاهدي ۽ دوست ملڪن جي مدد سان معيشت سنڀلڻ شروع ٿي. اڪنامڪ سروي ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته توانائي جي شعبي ۾ سبسڊيز جي خاتمي ۽ مالي ضابطن سان معاشي استحڪام اچڻ شروع ٿيو. جي ڊي پي جي لحاظ سان ٽيڪس جي شرح گهٽ آهي. سروي موجب ايشيا پيسيفڪ جي ترقي پذير ملڪن کي مناسب ۽ وڏي مدي تائين وسيلن جي ضرورت آهي. ترقي پذير ملڪن کي چوند ڪرڻي هوندي آهي ته اهي وڌيڪ وياج جي شرح تي ورتل گذريل قرض لاهڻ تي خرچ ڪن، جڏهن ته ٻي چوند اها هوندي آهي ته اهي پنهنجي عوام جي تعليم، صحت ۽ سماجي ڀلائي لاءِ وسيلا خرچ ڪن.

بقايا *** 04

اي سي سي ميڊيا هائوسز کي رهتن جي ادائگي جي لاءِ ضمني گرانٽ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي، صحافين ۽ ميڊيا ورڪرز جي حق تلفي ٿيڻ نه ڏني ويندي، معيشت جي استحڪام جي لاءِ سمورن ڌرين کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. اها ڳالهه هن ميڊيا تنظيمن آل پاڪستان نيوز پيپرز سوسائٽي (اي پي اين ايس)، ڪائونسل آف پاڪستان نيوز پيپر ايڊيٽرز (سي پي اين اي) ۽ پاڪستان براڊ ڪاسٽرز ايسوسيئيشن (پي بي اي) جي عهديدارن سان جدا جدا ملاقاتن دوران ڳالهائيندي چئي. ملاقاتن ۾ ميڊيا ورڪرز، صحافين، اخباري صنعت کي درپيش مسئلن ۽ معاشي صورتحال سميت ٻين اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته ميڊيا ورڪرز ۽ صحافين جي مسئلن کان آگاهه آهيون. صحافين ۽ ميڊيا ورڪرز جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ سميت انهن جي حقن جو تحفظ ۽ سهولتن جي فراهمي جي لاءِ عملي قدم کڻنداسين. هن چيو ته ميڊيا هائوسز جون رهتون ڪيترن ئي سالن کان التوا جو شڪار هيون. وزيراعظم شهباز شريف جي هدايت تي ميڊيا هائوسز جي رهتن جي ادائيگي جي لاءِ عملي قدم کنيا آهن. هن چيو ته اقتصادي رابطا ڪميٽي (اي سي سي) ميڊيا هائوسز کي بقاياڻ ۽ رهتن جي ادائگي جي لاءِ ضمني گرانٽ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. هن چيو ته اطلاعات واري وزارت حڪومت، صحافين ۽ ميڊيا هائوسز جي وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪري رهي آهي. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته صحافين جي علاج جي لاءِ هيلٿ ڪارڊ تي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي، انهن کي جلد هيلٿ ڪارڊ جاري ڪيو ويندو. هن چيو ته صحافين ۽ ميڊيا ورڪرز جي حق تلفي ٿيڻ نه ڏني ويندي. عطاءِ الله تارڙ چيو ته معاشي مشڪلاتون ضرور آهن پر وزيراعظم شهباز شريف جي قيادت ۾ حڪومت معاشي مسئلن جي حل لاءِ پرعزم آهي. هن چيو ته عوامي معيشت اسان جو تمام وڏو مسئلو آهي. هن چيو ته ايف بي آر جي ڊيجيٽلائيزيشن تي ڪم ڪيو پيو وڃي، ٽيڪس نه ڏيندڙن جي مڪينزم بڻايو پيو وڃي. هن چيو ته معيشت جي استحڪام جي لاءِ سمورين ڌرين کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ان موقعي تي ميڊيا تنظيمن حڪومت جي معاشي بحالي جي سمورن قدمن ۾ ڀرپور ساٿ ڏيڻ جو يقين ڏياريو. ميڊيا تنظيمن فنڊز جاري ڪرڻ ۾ تعاون فراهم ڪرڻ تي اطلاعات واري وفاقي وزير عطاءِ الله تارڙ جا ٿورا مڃيا. ملاقات ۾ پرنسپل انفارميشن آفيسر مبشر حسن تفصيلي بريفنگ ڏني.

بقايا *** 05

پختونخواهه مان نهي پنجاب اچي رهي آهي، پنجاب ۾ داخل ترڪن جي ڊيٽا گڏ ڪرڻ لاءِ مڪينزم هجڻ گهرجي، ائين نٿو ٿي سگهي ته بارڊر تي چيڪ پوسٽ ناهي ڇڏيو ۽ باقي رستو کليل هجي. ايپڪس ڪميٽي جي ڀرپور اجلاس کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته دهشتگردي جي خاتمي لاءِ هر ممڪن قدم کڻنداسين، ڳجهن ادارن جي واکاڻ ڪيون ٿا، دهشتگردي خلاف جنگ ۾ شهيدن جون قربانيون فخر جوڳيون آهن. هن چيو ته دهشتگردن وٽ جديد هٿيار آهن، افغانستان ذريعي به دهشتگردن کي جديد هٿيارن جي پهچ آهي، افغانستان مان ايندڙ هٿيار وڏو چئلينج آهن، جڏهن ته مذهبي شدت پسندي به آهي. سندس چوڻ هو ته دهشتگرد به ڊيجيٽلائيز ٿي چڪا آهن ۽ ضروري آهي ته اسان انهن کان اڳتي رهون، سياسي فاشزم سبب ملڪ ۾ عدم استحڪام آيو.

بقايا *** 06

ڪاميٽي جي اجلاس ۾ 2 نقاطي ايجنڊا تي غور ڪيو ويندو. ذريعن موجب اجلاس ۾ خانگائڻ واري پاليسي جي قيام بابت سمري پيش ڪئي ويندي. خانگائڻ واري پروگرام جي موجوده صورتحال جو جائزو ايجنڊا ۾ شامل ڪيو ويو آهي. اجلاس ۾ خانگائڻ جي جاري پروگرام تي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ويندو.

بقايا *** 07

مرحلي ۾ گريڊ هڪ کان گريڊ 4 تائين جون ڀرتيون ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ٻئي مرحلي ۾ گريڊ 5 کان 15 تائين ڀرتيون ڪيون وينديون گريڊ 5 کان 15 تائين ڀرتيون ٿرڊ پارٽي جي ٽيسٽ ذريعي ڪيون وينديون. ذريعن موجب سنڌ سرڪار نوڪرين تي پابندي بابت سنڌ هاءِ ڪورٽ جي اسٽي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل داخل ڪرائڻ جو فيصلو به ڪيو آهي.

بقايا *** 08

ريٽائرڊ آفيسرن جي استعمال هيٺ سرڪاري گاڏين جا تفصيل طلب ڪري ورتا آهن. ڊپٽي ڪمشنرز کي سرڪاري زمينن تان حدخلتون هٽائڻ جي هدايت ڪيون ويون آهن. اجلاس ۾ سيڪريٽريز ڪاميٽي جي اجلاس ۾ پلاننگ بورڊ، اينٽي ڪرپشن چيئرمين سميت سمورا سيڪريٽري شريڪ ٿيا. اجلاس ۾ اينٽي ڪرپشن ڪيسن، ترقياتي منصوبن، ملازمن جي پينشن ۽ پروموشن تي غور ڪيو ويو.

بقايا *** 09

جنهن ڪانپوءِ مجموعي انگ 10 ٿي ويو آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته وڌيڪ ملندڙ خط وفاقي پوليس جي ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب سمورن خطن کي گڏ ڪيو ويو آهي. سپريم ڪورٽ جي ججن کي ملندڙ خطن تي به آرسينڪ پائوڊر آهي، هيل تائين سپريم ڪورٽ جي 10 ججن کي خط ملي چڪا آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته سمورا خط هڪ ئي تاريخ تي آيا هئا. ڪجهه ججن کي هاڻ مليا آهن.

بقايا *** 10

سپريم ڪورٽ ۽ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججن کي به اهڙا خط اماڻيا ويا آهن.

بقايا *** 11

علائقي ۾ ڌاڙيلن خلاف پوليس ۽ رينجرز گڏيل آپريشن ڪيو. 24 ڪلاڪن کان جاري مقابلي ۾ ٻن مغوين کي آزاد ڪرايو ويو، جڏهن ته پوليس جي فائرنگ ۾ به ڌاڙيل زخمي به ٿيا. آپريشن دوران 10 سهولتڪارن ۽ شڪين کي حراست ۾ به ورتو ويو. پوليس اختيارين ٻڌايو ته آپريشن ۾ اهلڪارن جو انگ وڌايو ويو آهي ۽ ٻين مغوين جي آزادي لاءِ ڪوششون جاري آهن.

بقايا *** 12

اڳوڻي آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته اسرائيل ماڻهن جو قتل عام بند ڪري امن امان ڏانهن موٽي وڃي. ڊونلڊ ٽرمپ چيو ته اسرائيل کي صلاح ڏني ته هو فلسطينين تي بمباري جون وڊيوز جاري نه ڪري. اڳوڻي آمريڪي صدر چيو ته حملن جون وڊيوز جاري ڪرڻ سان اسرائيل عوامي رابطن جي محاذ تي ناڪام ٿي رهيو آهي.

بقايا *** 13

ٿاڻن ۾ ڪارروائي ڪئي وئي. ڪارروائي دوران ڦرلٽ جي وارداتن ۾ ملوث نويد خان ۽ علي حسين عرف جاجو کي گرفتار ڪيو ويو. رينجرز ترجمان موجب جوابدارن نويد خان ۽ علي حسين عرف جاجو 60 وڌيڪ موبائل فونز ۽ 4 لک کان وڌيڪ رقم ڦرڻ جو اعتراف ڪيو. جوابدارن جا بفرزون ۾ اليڪٽرانڪس جي دڪان تي وارادات جا سي سي ٽي وي فوٽيجز وائرل ٿيا هئا. ترجمان موجب جوابدارن جي ٻين ساٿين جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن.

بقايا *** 14

ڪارڪن جانيون داءَ تي لڳائي امداد پهچائي رهيا آهن. هن چيو ته غزا ۾ امداد جي اجازت باوجود زميني صورتحال سڌري ناهي، غزا ۾ امداد جي صورتحال بهتر بڻائڻ لاءِ جنگبندي ضروري آهي. سندس چوڻ هو ته امدادي ڪارڪنن تي حملو پهريون واقعو ناهي پر آخري ضرور ٿي سگهي ٿو.

بقايا *** 15

سعودي عرب جو دورو ڪندو. وزيراعظم چونڊجڻ ڪانپوءِ هي سندس پهريون غيرملڪي دورو هوندو. پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري بيان موجب دوري دوران پرڏيهي وزير ۽ دفاع واري وزير ڪانسواءِ اطلاعات ۽ نشريات، ناڻي ۽ اقتصادي معاملن وارا وفاقي وزير پڻ سانس گڏ هوندا. وزيراعظم عمري جي ادائيگي ڪانسواءِ مدينه المنوره ۾ مسجد نبوي ۾ نماز ادا ڪندو. وزيراعظم جي سعودي عرب جي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان بن عبدالعزيز سان ملاقات متوقع آهي جنهن ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي. بيان موجب ٻنهي ملڪن جا اڳواڻ علائقائي ۽ عالمي اڳڀرائي تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪندا. پاڪستان ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ پراڻا پائدار لاڳاپا آهن جن جون پاڙون مذهبي ۽ ثقافتي وابستگي تي آهن. پاڪستان جي عوام خادم الحرمين الشريفين شاهه سلمان بن عبدالعزيز السعود جي لاءِ انتهائي احترام رکي ٿو. ٻنهي ملڪن جي قيادت پائدار لاڳاپن کي اڳتي وڌائڻ ۽ اقتصادي ۽ سيڙپڪاري جي لاڳاپن کي گڏيل طور تي فائديمند بڻائڻ جي لاءِ پرعزم آهي.

بقايا *** 16

قومي اسيمبلي جي جن تڪن تي ضمني چونڊ جو اعلان ڪيو ويو انهن ۾ اين اي 8 باجوڙ، اين اي 44 ڊيرا اسماعيل خان، اين اي 119 لاهور 3، اين اي 132 قصور 2 ۽ اين اي 196 قمبر – شهدادڪوٽ ون شامل آهن. ان ڪانسواءِ صوبائي اسيمبلين جي تڪن ۾ ڪي پي 22 باجوڙ 4، پي ڪي 91 ڪوهاٽ 2، پي بي 20 خضدار 3، پي بي 22 لسٻيلا، پي پي 32 گجرات 6، پي پي 36 وزيرآباد 2، پي پي 54 ناروال ون، پي پي 93 ڀکر 5، پي پي 139 شيخوپورا 4، پي پي 147 لاهور 3، پي پي 149 لاهور 5، پي پي 158 لاهور 14، پي پي 164 لاهور 20، پي پي 266 رحيم يار خان 12 ۽ پي پي 290 ڊي جي خان 5 شامل آهن. اليڪشن ڪميشن موجب قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي ضمني چونڊ لاءِ پولنگ 21 اپريل تي ٿيندي، چونڊ مهم 19 ۽ 20 اپريل جي وچين رات ختم ٿيندي.

بقايا *** 17

ايل مان ڪڍڻ واري درخواست تي ٻڌڻي دوران فيصلو ٻڌايو. عدالتي حڪم باوجود گهرو سيڪريٽري 11 وڳي تائين عدالت آڏو پيش نه ٿيو سرڪاري وڪيل چيو ته سيڪريٽري رستي ۾ آهي، ان کان اڳ عدالت عدالتي حڪمن باوجود سميع ابراهيم جو نالو اي سي ايل مان خارج نه ڪرڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو. جسٽس سردار اعجاز اسحاق ريمارڪس ۾ چيو ته جي ڊي پاسپورٽس اچي چونڊو ته اسان کي گهرو وزارت چيو هو. عدالت گهرو سيڪريٽري جا ضمانت ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا، واڳيل ٿاڻي جي ايس ايڇ او کي سيڪريٽري کي عدالت آڏو پيش ڪرڻ جي هدايت. عدالت چيو ته سيڪريٽري مطمئن ڪندڙ جواب نه ڏنو ته ايس ايڇ او کي گرفتاريءَ جو حڪم ڏينداسين.

بقايا *** 18

انچاڻل جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو. ايئرپورٽ ٿاڻي تي ايس ايڇ او عبيد ڌاريجو جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو. ڪيس جي متن موجب اهلڪار شبير پيو ڌاڙيلن ڪشمير ۽ سلام جتوئي سان مليل آهي.

بقايا *** 19

303 ملازمن جي ڀرتين جي منظوري ڏني وئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته رمضان گريجوئيٽي جي رقم 19 ڪروڙ 77 لک 57 هزار 700 رپيا آهي. گريجوئيٽي رمضان پيڪيج تي عملدرآمد لاءِ اضافي ڊيوٽي جي ڪري ڏني پئي وڃي. ذريعن موجب مستقل ۽ ڪانٽريڪٽ ملازمن کي هڪ شروعاتي بنيادي پگهار جي برابر بونس ملندو. جڏهن ته يوٽيلٽي اسٽورز تي روزاني اجرت ڪمائڻ وارن کي 25 هزار رپيا بونس ڏنو ويندو.

بقايا *** 20

شيخ برادري سان تعلق رکندڙ نوجوان جمشيد شيخ تي صغريٰ مهر کي اغوا ڪرڻ جا الزام هنيا ويا واقعي بعد مهر برادري جي جوابدارن گهر تي چڙهائي ڪري نوجوان جمشيد شيخ جي امڙ نظيران ۽ ٻن ڀينرن ڪلثوم ۽ جميلان کي اغوا ڪري ورتو چار عورتن جي اغوا ۽ ڇوڪري صغريٰ جي اغوا واقعن بعد ٻنهي ڌرين وچ ۾ ڇڪتاڻ تيز ٿي وئي، پوليس اتالا پهچي ويا ان سلسلي ۾ پوليس جو چوڻ آهي ته اغوا ٿيل عورتن کي واپس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، وڌيڪ معاملي کي ڏسي رهيا آهيون.

بقايا *** 21

نئين وفاقي حڪومت واپار واري وزير جي سربراهي ۾ 3 رڪني ڪميٽي قائم ڪري ڇڏي آهي، جنهن جي ميمبرن ۾ قانون ۽ انصاف وارو وزير ۽ صنعت ۽ پيداوار وارو وفاقي وزير شامل آهي. ڪميٽي ممنوع شين جي درآمد ۽ برآمد جي اجازت بابت ڪيسن تي غور ڪندي. ڪميٽي هڪ ڀيرو جي بنياد تي درآمد ۽ برآمد تي پابندي هٽائڻ بابت ڪيسن تي غور ڪندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته ڪميٽي امپورٽ اينڊ ايڪسپورٽ پاليسي آرڊر 2022 تحت ڪيسن جي جاچ ڪندي ۽ ڪميٽي ٽريڊ آرگنائيزيشن ايڪٽ 2013 جي سيڪشن 21 تحت اپيلن جي ٻڌڻي ڪندي.

بقايا *** 22

آهن. پرڏيهي ميڊيا موجب، گڏيل عرب امارات غزه ۾ 7 امدادي ڪارڪنن جي مارجڻ بعد اسرائيل سان سفارتي لاڳاپا معطل ڪرڻ جو اعلان ڪيو. پرڏيهي خبراداري موجب، اماراتي پرڏيهي وزارت واقعي تي اسرائيلي سفير امير هائيڪ کي پرڏيهي وزارت طلب ڪري واقعي تي سخت احتجاج رڪارڊ ڪرايو. اماراتي سفير محمد الخواجه پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته امدادي ڪارڪنن جو مارجڻ ڪارو ڏينهن آهي.

بقايا *** 23

رشيد کي استعيفيٰ ڪانپوءِ ذميواري ڏني وئي آهي. سميع برني ان کان اڳ به پي سي بي جو ميڊيا ڊائريڪٽر رهي چڪو آهي. ياد رهي ته گذريل سال آڪٽوبر ۾ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ سينئر اسپورٽس جرنلسٽ عاليه رشيد کي ميڊيا ڊائريڪٽر ميڊيا اينڊ ڪميونيڪيشن مقرر ڪيو هو. عاليه رشيد پي سي بي ۾ ميڊيا هيڊ طور ڪم ڪندڙ پهرين عورت ڊائريڪٽر هئي. هوءَ عهدي تان استعيفيٰ ڏيندڙ ٽئين ڊائريڪٽر آهي. ان کان اڳ ڪمرشل ۽ ليگ ڊائريڪٽر به پنهنجي عهدن تان استعيفيٰ ڏئي چڪا آهن.

بقايا *** 24

جبري گمشدگي جي نه هجڻ تي اڪلايا ويا. رپورٽ ۾ چيو ويو ته مارچ ۾ 18 گم ٿيل ماڻهو گهرن ۾ واپس پهتا، جڏهن ته پتو لڳايل 8 ماڻهو مختلف جيلن ۽ هڪ حراستي مرڪز ۾ آهي. رپورٽ موجب مارچ ۾ ڪميشن کي جبري گمشدگي جا 18 نوان ڪيس وصول ٿيا. گم ٿيل ماڻهن جا ٻه هزار 302 ڪيس مختلف عدالتن ۾ ٻڌڻي هيٺ آهن. رپورٽ ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته ڪميشن کي پهرين اپريل تائين مجموعي طور تي 10 هزار 185 ڪيس وصول ٿيا. جن مان ڪميشن پهرين اپريل تائين 7 هزار 868 ڪيس اڪلائي چڪي آهي.

بقايا *** 25

پنهنجي تڪ اين اي 194 ۽ صوبائي تڪ پي ايس 11 جي ڪارڪنن، شهرين ۽ معززين جي اعزاز ۾ افطار تقريب کي خطاب ڪيو. هن چيو ته مخالف ڌر حڪومت سان سهڪار ڪري ته عوام جا گهڻا مسئلا حل ٿي سگهن ٿا. هن چيو ته اميد آهي ته قومي اسيمبلي ۾ چونڊيل نمائندا پنهنجو ڪردار ادا ڪندي حڪومت سان سهڪار ڪندا ته جيئن قومي مفاهمتي چارٽر، اقتصادي چارٽر ۽ عدالتي سڌارن تي ڪم ڪري عام ماڻهو کي انصاف ڏياري سگهجي. هن زور ڏنو ته سياستدانن کي سمجهه ۾ اچڻ گهرجي يا گهٽ ۾ گهٽ ضابط اخلاق گهرجي. جيڪڏهن سياستدان ۽ ادارا پنهنجي حدن ۾ رهي ڪم ڪن ته پاڪستان ترقي ڪري سگهي ٿو ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي ان سلسلي ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندي رهندي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته پاڪستان معاشي ۽ سيڪيورٽي صورتحال جي حوالي سان مشڪل ۾ آهي. هن چيو ته هاڻوڪي عام چونڊن ۾ عوام ڪنهن به پارٽي کي واضح اڪثريت نه ڏئي سڀني کي گڏجي مسئلا حل ڪرڻ جو پيغام ڏنو آهي. عوام ڪنهن به پارٽي کي واضح اڪثريت نه ڏني، عوام چاهين ٿا ته سڀ گڏجي مسئلا حل ڪن ۽ پاڪستان کي جديد ملڪ بڻائين. هن چيو ته عوام جا مسئلا حل ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح آهي، مسئلن جي حل ۾ چونڊيل نمائندن جو اهم ڪردار آهي. هن زور ڏنو ته چونڊيل نمائندا عوام جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي منصوبا جوڙين. پ پ چيئرمين تازو عام چونڊن ۾ ڀرپور حمايت تي شرڪت ڪندڙن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته سندن محنتن جي ڪري آصف علي زرداري هڪ ڀيرو ٻيهر ملڪ جو صدر چونڊيو ويو آهي. هڪ ڀيرو ٻيهر تاريخ رقم ڪئي وئي آهي ته صدر آصف علي زرداري ملڪ جو پهريون شهري آهي جيڪو ٻيو ڀيرو صدر چونڊيو ويو آهي. اسان بار بار ثابت ڪنداسين ته پاڪستان پيپلز پارٽي چئن صوبن جي زنجير آهي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اعلان ڪيو ته 14 اپريل تي ڳڙهي خدابخش ۾ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ورسي جي حوالي سان تاريخي جلسو ڪيو ويندو. جنهن ۾ سڄي ملڪ مان ماڻهو شرڪت ڪري شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندا. هن قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ڪيس بابت صدارتي ريفرنس تي سپريم ڪورٽ جي فيصلي کي پارٽي ۽ جيالن جي تاريخي ڪاميابي قرار ڏنو. عدالت موقف اختيار ڪيو ته قائد عوام جو منصفاڻو ٽرائل نه ٿيو ان ڪاميابي تي صدر آصف علي زرداري جا شڪر گذار آهيون. عوام جي ليڊر کي سندس زندگي ۾ انصاف ملندي ڏسڻ هر شهري جو خواب هو. تقريب ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي عورت ونگ جي مرڪزي صدر ۽ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر فريال ٽالپر، پ پ سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو، ايم پي اي جميل احمد سومرو، ايم اين اي اعجاز جکراڻي ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا.

بقايا *** 26

شمشاد مرزا ملاقات ڪئي آهي. ملاقات دوران جنرل ساحر شمشاد مرزا پاران صدر آصف علي زرداري کي عهدو سنڀالڻ تي واڌايون ڏنيون. ملاقات ۾ دهشتگردي جي لعنت کي قوم جي سهڪار سان پاڙان پٽڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو. چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪاميٽي صدر کي ملڪي سيڪيورٽي صورتحال ۽ آپريشنل تيارين بابت آگاهه ڪيو. چيئرمين جوائنٽ چيفس آف اسٽاف ڪاميٽي چيو ته هٿياربند فوج اندرين ۽ ٻاهرين سيڪيورٽي چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿي. صدر آصف علي زرداري قومي سرحدن جي دفاع، ملڪي سماجي ۽ اقتصادي ترقي ۾ هٿياربند فوج جي ڪردار جي ساراهه ڪئي. صدر چيو ته مڪمل اعتماد آهي ته سيڪيورٽي فورسز اندرين ۽ ٻاهرين سيڪيورٽي چئلينجز تي ڪاميابي سان ضابطو آڻينديون.

بقايا *** 27

طور تي چيڪ ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي. پاڪستان پوسٽ ججن کي شڪي پائوڊر ڀريل خط ملڻ ڪانپوءِ فوري طور قدم کڻندي خط جاري ڪري ڇڏيو خط ۾ اسٽاف جي سيفٽي ۽ سيڪيورٽي لاءِ ماسڪ ۽ دستانا فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. عملي کي پوسٽ آفيس ۾ ايندڙ ليٽر ۽ ٻين ميلز کي احتياط سان چيڪ ڪرڻ جي هدايت به ڪئي وئي آهي. خط ۾ چيو ويو آهي ته ججن، سفارتڪارن ۽ ٻين هاءِ پروفائل جي ميلز کي خاص طور تي چيڪ ڪيو وڃي. خط ۾ پوسٽل اسٽاف کي ميلز جي بڪنگ ۽ پهچ دوران چوڪس رهڻ جي به هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 28

جي عمارتن جي اڏاوت جو ڪم ڪري رهيا آهن. سنڌ حڪومت هارين کي سهولتون ڏئي ڪري زرعي معيشت بهتر ڪرڻ چاهي ٿي. سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه سان جرمني جي قونصل جنرل روڊيگر لوٽز ملاقات ڪئي آهي. وزيراعليٰ جي ترجمان موجب، جرمن قونصل جنرل، وڏي وزير کي ٽيون ڀيرو چونڊجڻ تي مبارڪ ڏني. اجلاس ۾ سيڪريٽري سيڙپڪاري مريد راهمون به شرڪت ڪئي. ملاقات دوران ٻوڏ متاثرن جي بحالي بابت ڳالهيون ڪيون ويون. سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت ڊونر ايجنسين جي مدد ڪئي. گهرن جي اڏاوتن جو ڪم جاري آهي. سندس چوڻ هو ته ٻوڏ سبب متاثر انفرا اسٽرڪچر جي تعمير به تيزي سان جاري آهي. هو ٻوڏ سبب متاثر اسڪولن جي عمارتن جي اڏاوت جو ڪم ڪري رهيا آهن. سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت هارين کي سهولتون ڏئي ڪري زرعي معيشت بهتر ڪرڻ چاهي ٿي.

بقايا *** 29

ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. شرجيل ميمڻ چيو آهي ته بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت تي ڪراچي ۾ عورتن لاءِ پنڪ بس سروس جو ٻيو مرحلو شروع ڪيو ويندو. عيد کان فورن پوءِ اليڪٽرڪ بسن جا نوان روٽس به شروع ڪيا ويندا. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ميرپورخاص ۾ عوام جي سفري سهولت لاءِ پيپلز بس سروس شروع ڪئي ويندي. پبلڪ ٽرانسپورٽ استعمال ڪندڙن لاءِ ڪيش ليس ٽڪيٽ سروس به متعارف ڪرائي ويندي. هن چيو ته اورنج لائين، بي آر ٽي ۽ ريڊ لائين بي آر ٽي کي جوڙڻ لاءِ مفت شٽل سروس شروع ڪئي ويندي. عوام لاءِ مفت شٽل سروس عيد ڪانپوءِ شروع ڪئي ويندي.

بقايا *** 30

کي خوشخبري ٻڌائي ڇڏي. مونس علوي صحافين سان غير رسمي گفتگو ڪندي چيو ته ايندڙ ٻن سالن ۾ سستي متبادل ذريعن سان بجلي کي اليڪٽرڪ سسٽم ۾ شامل ٿيندي. هن چيو ته کي اليڪٽرڪ جي سسٽم ۾ ايندڙ ٻن سالن ۾ 640 ميگا واٽ بجلي شمسي ۽ ونڊ انرجي شامل ٿيندي، سولر ۽ ونڊ پاور سان بجلي جي پيداواري قيمت ۾ چڱي ڀلي لاٿ ايندي. سندس چوڻ هو ته متبادل ذريعن سان بجلي بابت هيل تائين 40 ڪمپنين دلچسپي جو اظهار ڪيو آهي، جنهن ۾ يورپ، چين ۽ وچ اوڀر جون 12 ڪمپنيون شامل آهن.

بقايا *** 31

چيو آهي ته پهريون جائزو مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ پاڪستان جي اقتصادي 7 مالياتي صورتحال بهتر ٿي آهي. هن چيو ته اسٽينڊ باءِ معاهدي تحت پاڪستان کي ٽي ارب ڊالر جي ادائگي ٿيندي، هڪ ڏهائي ٽو ارب ڊالر پهريان ئي جاري ٿي چڪا آهن. سندس چوڻ هو ته اميد آهي ته آءِ ايم ايف جي ايگزيڪيوٽو بورڊ جي گڏجاڻي هلندڙ مهيني جي آخر ۾ ٿيندي.

بقايا *** 32

سامان مان 16 ڪلو گرام سون هٿ ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ مختلف وزنن جا 10 سون جا سڪا به شامل آهن. ترجمان جو چوڻ آهي ته جوابدار محمد تنوير دبئي وڃي رهيو هو جوابدار اميگريشن ڪليئرنس لاءِ ڪائونٽر تي پنهنجو پاسپورٽ پيش ڪيو اميگريشن دوران پڇيل سوالن تي هو اختيارين کي مطمئن نه ڪري سگهيو ايف آءِ اي ترجمان جو چوڻ آهي ته جوابدارن جي سامان کي بار بار جاچ لاءِ طلب ڪيو ويو. تلاشي دوران جوابدارن جي سامان مان 16 ڪلو سون هٿ ڪيو ويو. ترجمان جو چوڻ هو ته سمورن لاڳاپيل ادارن کان ڪليئر ٿيڻ ڪانپوءِ جوابدار جي سامان جي چيڪنگ ڪئي وئي، جوابدارن سامان بيگ جي ڳجهي خاني ۾ لڪايو هو گرفتار جوابدارن خلاف جاچ جو دائرو وسيع ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 33

۾ آمريڪي وفد سنڌ جي سياحت ۽ ثقافت بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي. ملاقات ۾ آمريڪي وفد سنڌ جي سياحتي، ثقافتي ۽ آرڪيالاجي سائيٽس بابت ڄاڻ ورتي. ملاقات ۾ سياحتي سيڪٽر کي گڏيل طور تي هٿي ڏيڻ وارين تجويزن تي غور ويچار ڪيو ويو ايم ڊي ايس ڊي ڊي سي فياض شاهه، ڊائريڪٽر آرڪيالاجي اينڊ اينٽيڪيوٽيز فتاح شيخ آمريڪي وفد کي تفصيل فراهم ڪيا. سياحت، ثقافت، ماڳن ۽ آرڪائيز واري صوبائي وزير ذوالفقار شاهه وفد کي چيو ته سنڌ ۾ آمريڪي سياحن لاءِ پرامن ۽ 170 بهترين سياحتي هنڌ موجود آهن. ان چاهيون ٿا ته ٻئي ملڪ گڏجي سياحتي سرگرمين ۾ وڌيڪ بهتر سهڪار سان گڏ اڳتي وڌائين. هن چيو ته سياحتي ماڳن تي ٽوئرزم پوليس ۽ صحت جون سهولتون شروع ڪري رهيا آهيون. هن وڌيڪ چيو ته موهن جو دڙو ايئرپورٽ کي سياحن لاءِ کولڻ لاءِ وفاقي حڪومت سان رابطا ڪري رهيا آهيون.

بقايا *** 34

رابطو ڪيو. ٻنهي اڳواڻن غزه جي صورتحال تي ڳالهيون ڪيون. آمريڪي صدر جو چوڻ هو ته اسرائيل کي درپيش خطرن تي آمريڪا ان سان گڏ آهي، غزه ۾ مجموعي انساني صورتحال ناقابل قبول آهي.

بقايا *** 35

سربلند خان ووٽن جي ٻيهر ڳڻپ ڪرائڻ واري فيصلي کي اڄ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو. سربلند خان درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ته ٻن مهينن کان اسيمبلي جي اجلاس ۾ شرڪت ڪري رهيو آهيان، گذريل ڏينهن ٻيهر ڳڻپ ڪرائي وئي. قاعدن موجب ٻيهر ڳڻپ 5 سيڪڙو يا ان کان گهٽ ووٽن جي فرق تي ٿيندي آهي، مون کي پيپلزپارٽي جي اميدوار تي 11 سيڪڙو ووٽن جي سرسي حاصل هئي، آر او پاران ٻيهر ڳڻپ ڪرائي پ پ اميدوار کي ڪامياب قرار ڏيڻ وارو فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو وڃي. عدالت اليڪشن ڪميشن جو فيصلو معطل ڪندي ڌرين کان 18 اپريل تي جواب طلب ڪري ورتو پي ايس 112 تي ووٽن جي ٻيهر ڳڻپ بعد نتيجا تبديل ٿي ويا هئا. آر او موجب ٻيهر ڳڻپ بعد پيپلزپارٽي جو محمد آصف ڪامياب ٿيو. اليڪشن ڪميشن جي ذريعن موجب ووٽن جي ٻيهر ڳڻپ بعد پيپلزپارٽي جي محمد آصف 11 هزار 724 ووٽ حاصل ڪيا، پي ٽي آءِ جي حمايت يافته اميدوار سربلند خان کي 9 هزار 847 ووٽ ملي سگهيا.

بقايا *** 36

سان اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو. ان موقعي تي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته دهشتگردي جي لعنت جي ملڪ مان خاتمي تائين ان جي خلاف جنگ جاري رکنداسين. وزيراعظم گهرو وزارت کي ملڪ ۾ دهشتگردي جي خاتمي ۽ صوبائي دهشتگردي جي خاتمي وارن ادارن جي وڌيڪ بهتري جي لاءِ صوبن سان تعاون وڌائڻ جي هدايت ڪئي. وزيراعظم ملڪي سيڪيورٽي خاص طور تي مختلف منصوبن تي ڪم ڪندڙ چيني شهرين جي سيڪيورٽي جي حوالي سان اجلاسن جو هر مهيني پاڻ جائزو وٺڻ جو فيصلو ڪيو. وزيراعظم سمورن سيڪيورٽي ادارن کي چيني شهرين جي سيڪيورٽي کي فول پروف بڻائڻ جي لاءِ قدمن جي پڻ هدايت ڪئي. وزيراعظم سيڪيورٽي ايس او پيز جي باقاعدگي آئوٽ جي لاءِ هڪ جامع حڪمت عملي بڻائڻ جي هدايت ڪئي. گهرو وزارت اجلاس ۾ وزيراعظم کي ملڪي مجموعي امن ۽ سلامتي جي صورتحال ۽ وزارت جي ڪارڪردگي جي حوالي سان بريفنگ ڏني. اجلاس ۾ وفاقي گهرو وزير سيد محسن نقوي، سيڪيورٽي ادارن جي سربراهن ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا *** 37

سان اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو. ان موقعي تي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته دهشتگردي جي لعنت جي ملڪ مان خاتمي تائين ان جي خلاف جنگ جاري رکنداسين. وزيراعظم گهرو وزارت کي ملڪ ۾ دهشتگردي جي خاتمي ۽ صوبائي دهشتگردي جي خاتمي وارن ادارن جي وڌيڪ بهتري جي لاءِ صوبن سان تعاون وڌائڻ جي هدايت ڪئي. وزيراعظم ملڪي سيڪيورٽي خاص طور تي مختلف منصوبن تي ڪم ڪندڙ چيني شهرين جي سيڪيورٽي جي حوالي سان اجلاسن جو هر مهيني پاڻ جائزو وٺڻ جو فيصلو ڪيو. وزيراعظم سمورن سيڪيورٽي ادارن کي چيني شهرين جي سيڪيورٽي کي فول پروف بڻائڻ جي لاءِ قدمن جي پڻ هدايت ڪئي. وزيراعظم سيڪيورٽي ايس او پيز جي باقاعدگي آئوٽ جي لاءِ هڪ جامع حڪمت عملي بڻائڻ جي هدايت ڪئي. گهرو وزارت اجلاس ۾ وزيراعظم کي ملڪي مجموعي امن ۽ سلامتي جي صورتحال ۽ وزارت جي ڪارڪردگي جي حوالي سان بريفنگ ڏني. اجلاس ۾ وفاقي گهرو وزير سيد محسن نقوي، سيڪيورٽي ادارن جي سربراهن ۽ لاڳاپيل اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا *** 38

سان اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو. ان موقعي تي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته دهشتگردي جي لعنت جي ملڪ مان خاتمي تائين ان جي خلاف جنگ جاري رکنداسين. وزيراعظم گهرو وزارت کي ملڪ ۾ دهشتگردي جي خاتمي ۽ صوبائي دهشتگردي جي خاتمي وارن ادارن جي وڌيڪ بهتري جي لاءِ صوبن سان تعاون وڌائڻ جي هدايت ڪئي. وزيراعظم ملڪي سيڪيورٽي خاص طور تي مختلف منصوبن تي ڪم ڪندڙ چيني شهرين جي سيڪيورٽي جي حوالي سان اجلاسن جو هر مهيني پاڻ جائزو وٺڻ جو فيصلو ڪيو. وزيراعظم سمورن سيڪيورٽي ادارن کي چيني شهرين جي سيڪيورٽي کي فول پروف بڻائڻ جي لاءِ قدمن جي پڻ هدايت ڪئي.

بقايا 01

ماحوليات سنڌ (SEPA)جي ڊائريڪٽر جنرل نعيم احمد مغل جي هدايتن تي سيپا شهيد بينظيرآباد جي ريجنل انچارج ڊاڪٽر گل امير سنبل پنهنجي ٽيم سان گڏ واٽر الٽرا فلٽريشن پلانٽ ۽ سيوريج پلانٽس جو معائنو ڪيو ان موقعي تي سيپا ٽيم کي ٻڌايو ويو ته مني پاڻي جو پلانٽ 6 ملين گيلن في ڏيهن جي ڪارڪردگيءَ سان ڪم ڪري رهيو آهي ۽ سيوريج پلانٽ 2019 کان نان آپريشنل آهي، جنهن تي سيپا ريجنل انچارج سيوريج پلانٽ کي فعال بڻائڻ جون هدايتون جاري ڪيون سيپا شهيد بينظيرآباد طرفان پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ سيوريج جي پاڻي جا نمونا (samples) ورتا ۽ انهن سمپلز کي معائنو لاءِ ليبارٽري موڪليو ويو ان موقعي تي سيپا شهيد بينظير آباد جي ريجنل انچارج ڊاڪٽر گل امير سنبل چيو ته ماحولياتي ايڪٽ 2014 تي عمل ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح آهي. جنهن تي عمل ڪندي سيپا شهيد بينظيرآباد عوام کي پيئڻ جي صاف، شفاف ۽ جراثيم کان پاڪ پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ هميشه ڪوششون ڪري رهي آهي.

بقايا 02

خبرموجب :سکر سول جي مين ميڊيڪل اسٽور تي ايل پي دوا خريدڻ واري سيٽ تي مقرر نياز شاه کي ايم ايس سول اسپتال سکر جي سرپرستي هجڻ ڪري هڪئي وقت چار چارجون حوالي ڪري نياز شاه مان ڊبل شاه بڻايو ويو آهي. دوائن جي خريداري توڙي مشينري جي خريداري، ڊيٽ اسٽاڪ گيس آڪسيجن مان ڪروڙين روپين جو ڪرڙا بل پاس ڪري نياز شاه مان ڊبل شاه بڻجي ويو آهي، نياز شاه سيني شين جي خريداري تي پنج پرسنٽ ڪميشن مقرر ڪرڻ سان غيرمعياري دوائون ۽ مشينري خريد ڪري ملٽي نيشنل ڪمپني جا بل پاس ڪري ڪروڙين رپين جي ڪرپشن ۾ ملوث هجڻ جو انڪشاف ٿيو آهي غيرمعياري دوائون واپرائڻ سان اسپتال جي مريضن جي حالت سڌرڻ بجاءِ ابتر ٿيڻ ڪري ڪيترائي مريض پريشاني کي منهن ڏيڻ سان گڏ زندگي وڃائي ويٺا آهن پر هن مهل تائين نياز شاه ڊبل شاه خلاف ڪابه ڪارروائي عمل ۾ نه اچي سگهي سکر سياسي ڌرين صحت جي سيڪريٽري ۽ ٻين واسطيدار ڌرين کان سول جي ڊسپينسر نياز شاه کي مليل چئني چارجز جي مڪمل جاچ جو مطالبو ڪندي مٿس ڪارروائي جي گهر ڪئي آهي

بقايا 03

ٽريفڪ پوليس جون ترڪ مان هندانئا ۽ رشوت وٺڻ جون وڊيوز کي ٽي اين نيوز هٿ ڪري ورتيون اهلڪارن وڊيوز ڏسڻ سان ٿي ڊرائيورن کي معاف ڪرڻ لاءِ منٿون لنڪ روڊ چوڪي انچارج ۽ آر بادشاهي، نظام قائم ڪيو ويٺا آهن ٿلو اينڊڙ ويندڙ ٽريفڪ وارن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي داهون قائد آباد منزل پمپ اسٽيل ٽائون پورٽ قاسم لنڪ روڊ ماڊل ڪالوني سميت ملير جي وڪ وڪ تي ٽريفڪ پوليس شهرين جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي موٽر سائيڪل ڪار بس ٽرالر سميت روڊ تي هر گاڏي واري کان گڙي رشوت ورتي وڃي ٿي چيو وڃي ٿو عيد خرچي ڪرايو آ ءِ جي سنڌ کي اپيل آهي ته هن ظلم جو نوٽيس وٺي احتجاج ڪندڙ شهرين جون داهون شهرين کي تنگ ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي عيد جي موقعي ۾ شهرين کي ٽريفڪ پوليس رليف ڏئي شهرين جي شڪايتن تي ڪارروائي ڪئي ويندي اعظم جمالي ايس ايس پي ٽريفڪ ملير جون ڳالهيون

بقايا 04

جڊيشل مئجسٽريٽ بدين پوهيٽ مل راءِ جي عدالت ۾ انا انڙ جي قبر ڪشائي ۽ ان جو پوسٽ مارٽم ۽ ميڊيڪل ڪرائڻ جي اجازت لاءِ درخواست داخل ڪئي جنهن تي سول جج ۽ جڊيشل مئجسٽريٽ بدين پوهيٽ مل راءِ انا انڙ جي قبر ڪشائي ڪرڻ بعد لاش جو پوسٽ مارٽم ۽ ميڊيڪل ڪرائڻ ۽ قبر تي پوليس پڪٽ قائم ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي لاڙڪاڻي واسي شادي شدي عورت انا انڙ سان اجتماعي لجالت بعد ڪيس قتل ڪري گجهه گوهه ۾ لنواري شريف ۾ دفن ڪرڻ جي ان ڏينهن ڪانپوءِ مسمات انا انڙ جي موت کان پهرين واري وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ وارين خبرون ميڊيا تي نشر ٿيڻ بعد ايس ايس پي بدين شيراز نظير فوري طور نوٽيس وٺي ورتو آهي ايس ايس پي بدين شيراز نظير چيو آهي ته واقعي بابت متعلقه ڪورٽ کان اجازت ملڻ ڪانپوءِ فوتڻ انا انڙ جي قبر ڪشائي بعد سنڌس ميڊيڪل ڪرايو ويندو هن چيو آهي ته هن واقعي جي غير جانبدارانا جانچ ڪري ملوث جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو ٻئي طرف فوتڻ انا انڙ جو والد غلام مصطفي انڙ سميت سمورا گهر ڀاتي لنواري شريف مان غائب ٿي ويا آهي فوتڻ جي والدين سميت ڪوب گهر ڀاتي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرائڻ به نه آيو آهي ۽ نه ئي فوتڻ جي وڊيو ناهيندڙ ۽ وائرل ڪندڙ ماڻهو ظاهر ٿيو آهي ذريعن کان ملندڙ ڄاڻ موجب ته انا انڙ تي سندس مڙس تشدد ڪري برو ڪم ڪرائڻ تي ڪيس مجبور ڪندو هو جتان هو ڀڄي اچي حيدرآباد ۾ پنهنجي ڀاءُ صدام وٽ پناه ورتي پر سندس ڀاءُ به هن کان زبردستي برو ڪم ڪرائڻ لاءِ هن تي تشدد ڪندو هو جنهن سبب هو فوت ٿي ويئي ذريعن موجب ته انا انڙ جي والد سميت گهر ڀاتين کي به هن معاملي جي ڄاڻ هئي ۽ هنن ان ڪري انا انڙ جي لاش جو پوسٽ مارٽم به ڪرايو ۽ گجهه گوهه ۾ لنواري شريف ۾ قبرستان ۾ هن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ ميڊيا تي خبرون اچڻ ڪانپوءِ هو به غائب ٿي ويا آهن ٻئي پاسي اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته فوتڻ انا انڙ جي هڪ ڀيڻ کي دارالامان حيدرآباد ۾ داخل ڪرايو ويو آهي ۽ اها ڳالهه به ڳجهارت بڻيل آهي ته انا انڙ اصل لاڙڪاڻي جي آهي جتي هن جي 17 سال پهرين سيتا شهر واسي سان بدي ۾ شادي ٿي ويئي ۽ هن جا گهر ڀاتي لنواري شريف ڪڏهن آيا ۽ سترن سالن ڪانپوءِ هوءَ پنهنجي مڙس جي گهران ڇو نڪتي بدين دادو ۽ حيدرآباد پوليس لاءِ هي واقعو وڏو چيلنج بڻيل آهي

بقايا 05

۽ ٻين چيو ته سنڌ پوليس غلام مرتضيٰ جتوئي مٿان هٿ ٺوڪيا ڪوڙا ڪيس داخل ڪري انهن کي حراسان ڪري رهي آهي جيڪو عمل ناقابل برداشت آهي انهن چيو ته غلام مرتضيٰ جتوئي جي ڪراچي واري گهر تي رات جي وقت پوليس جا وڏا اٽالا موبائلن ۾ سوار ٿي خانگي ڪپڙن ۾ هٿياربند ۽ پوليس اهلڪارن جتوئي هائوس ۾ بنا سرچ وارنٽ جي داخل ٿي غلام مرتضيٰ جتوئي جي خاندان کي حراسان ڪيو ويو آهي عورتن ۽ ٻارڙن تي تشدد ڪيو ويو جنهن جي جيتري به مذمت ڪجي اها گهٽ آهي هنن چيو ته اهڙيون هٿ ٺوڪيون ڪارروايون ۽ ڪوڙا ڪيس ڪري جتوئي برادري کي جهڪائي نٿو سگهجي انهن چيو ته سنڌ حڪومت کي سوچڻ گهرجي ته پوري پاڪستان ۾ جتوئي برادري جا لکين ماڻهو پيپلزپارٽي پارٽي ۾ شامل آهن اهڙي حرڪتن جي ڪري تمام جتوئي برادري جي دل آزاري ٿي رهي آهي اسان سنڌ حڪومت کي ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته جتوئي برادري جي معززين تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪري لکين جتوئي برادري جي ماڻهن کي مايوس نه ڪيو وڃي. انهن چيو ته جيڪڏهن ڪوڙا ڪيس ختم نه ڪيا ويا ته اسان سنڌ بلوچستان سميت پوري پاڪستان جا جتوئي غلام مرتضيٰ جتوئي سان گڏ آهيون . ان جي هڪ ڪال تي پوري پاڪستان ۾ رهندڙ لکين جتوئي لبيڪ چئي ڀرپور احتجاجي تحريڪ شروع ڪري سنڌ حڪومت جي ناڪام ڪاروائين کي پنهنجوڙائڻ ۾ ڀرپور ساٿ ڏيندا. انهن وزيراعلي سنڌ، آئي جي سنڌ کان مطالبو ڪندي چيو ته غلام مرتضيٰ جتوئي مٿان ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن.

بقايا 06

رضا خواجه، شوزيب حسين ۽ نزاڪت علي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي ٽنڊوباگو پريس ڪلب چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو وين ان موقعي تي مولوي سڌير حسين، مولوي محمد اسلم مظهري، سڪندر علي خواجه ۽ خادم حسين خواجه خطاب ڪندي چيو ته اسرائيل ڪيترو وقت کان وٺي مسلمانن جي قبلا اول تي قبضو ڪري ويٺو آهي. ڇهين مهينن کان وٺي فلسطين جي ڌرتي تي مظلوم فلسطينين جو قتل عام ڪري رهيو آهي. اسلامي دنيا جا ملڪ آمريڪا جي دٻ کان اسرائيل جي وحشيت خلاف هڪ لفظ به ڳالهائڻ لاءِ تيار نه آهن هنن پاڪستان جي حڪومت سميت اسلامي ملڪن جي حڪمران کي اپيل ڪئي ته مظلوم فلسطينين جو قتل بند ڪرائڻ ۽ بيت المقدس جي آزادي لاءِ جهاد جو اعلان ڪري مسلماني جو حق ادا ڪن. ان موقعي تي اسرائيل ۽ آمريڪا خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي.

بقايا 07

جويو پاران کلي عام کچي شراب جون ڀٺيون قائم ڪري سرعام آئيس، هيروئن ۽ کچي شراب ٺري جو وڪرو هن رمضان جي پلاري مهيني ۾ به جاري آهي، جن کي ان عمل کان شهرين پاران روڪڻ تي منشيات فروش حملو ڪري گهارو جي رهواسي ملاح اڳواڻ اشرف ملاح جي ڀاءُ غلام قادر ملاح کي زخمي ڪري وڌو آهي، جنهن کي علاج لاءِ گهارو اسپتال منتقل ڪري حملي آور منشيات فروشن خلاف گهارو ٿاڻي تي رپورٽ پڻ درج ڪرائي وئي آهي، پر اڃان تائين حملي آور منشيات فروش گرفتار ٿي ناهن سگهيا، جن تي منشيات جا ڪيترائي ڪيس داخل ٿيل آهن جن خلاف پوليس به ڪا سخت ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. مذڪور منشيات فروش دوست علي جويو ۽ صدام جويو بلاجواز شريف شهرين کي تنگ ڪري انهن مٿان حملا ڪن ٿا. هتان جي رهواسين ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر عمران خان ۽ سي آءِ اي ٺٽو جي انچارج ممتاز علي بروهي کان مطالبو ڪيو آهي ته فورن نئي آبادي گهارو جي رهواسي آئيس، هيروئن ۽ کچي شراب ٺري جي منشيات فروشن دوست علي جويو، صدام جويو ۽ ٻين خلاف سخت ڪاروائي ڪري شهرين کي انهن جي ظلمن مان نجات ڏياري نوجوان نسل جون زندگيون بچائي ملاح اڳواڻ اشرف ملاح جي ڀاءُ غلام قادر ملاح تي حملو ڪندڙ منشيات فروش ڏوهارين کي گرفتار ڪري ڪين ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي. جيئن اتان جا رهواسي سک جو ساه کڻي سگهن.

بقايا 08

لاف احتجاجي مظاهري جون ميڊيا تي خبرون لڳڻ ۽ فريادي غلام سرور مگسي پاران ٿاڻي تي پهچي لينڊ گريبر لياقت گبول، شاه نواز گبول، عزيز مري، قنمبر پاٽي، بهرام مري، اڪرم، اسامه حيدر، نعمان، اويايس ۽ ٻين خلاف درخواست ڏيڻ تي جوابدار ڊر مچرجي پيو، فريادي غلام سرور مگسي ٻڌايو ته قبرستان جي زمين کان قبضو ختم ڪرائڻ لاءِ مون احتجاجي مظاهرو ڪرڻ کان پوءِ ڪذاب ستي ٿاڻي تي جوابدارن خلاف درخواست ڊيٽي آيس پر پوليس ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. ان صحافين اڳيان داهيندي الزام هڻندي چيو ته مٿيان جوابدار باثر آهن هنن ڊيرو شاه مريد ديه موکيءَ ۾ سوين ايڪڙن تي غيرقانوني قبضو ڪري سرڪاري زمين پچڙن مت کپائي سرڪار کي اربين روپين جو نقصان پهچايو آهي. ان چيو ته موکيءَ جي قبرستان واري زمين تي قبضو ڪرڻ خلاف جڏهن اسان آواز اٿاريو ته لينڊ مافيا جا ڪارندا مونکي جاني مالي ڌمڪيون ڏيئي رهيا آهن. ان ٻڌايو ته موکيءَ جي قبرستان واري زمين تي والار ڪندڙن خلاف آءِ جلد ڪورٽ سگهوري جو در کڙڪائيندس، ان وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن مون کي ڪو جاني مالي نقصان ٿيو ته ان جا ذميوار مٿيان جوابدار هوندا. وڌيڪ ان چيو ته آءِ هائي ڪورٽ ڪراچي، وزيراعلي سنڌ، آئي جي سنڌ، ايس ايس پي ملير کي اپيل ڪيان ٿو ته لينڊ گريبرن خلاف قانوني ڪاروائي ڪري قبرستان واري زمين تان قبضو ختم ڪرايو وڃي.

بقايا 09

مرڪزي امام بارگاه خانپورمهر پنج گلي چوڪ کان تعلقه پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ شريڪ ماڻهن آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف نعريبازي ڪئي ۽ فلسطين ۾ ظلم بند ڪريو جا نعرا هنيا اڳواڻن چيو ته اسرائيل ۽ آمريڪا فلسطين جي مظلوم عوام مٿان ظلم ڪري رهيا آهن اسان مسلمان ملڪن کي فلسطين جي مظلوم عوام جو ساٿ ڏيڻ گهرجي مظاهرين چيو ته فوري طور فلسطين جي مظلوم عوام مٿان ظلم بند ڪيو وڃي ريلي ۾ شامل ڪارڪنن جي هٿن ۾ جهنڊا ۽ بئنر پڻ هئا جن تي آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف نعرا لکيل هئا ريلي ۾ شريڪ ماڻهن حڪومت پاڪستان کان مطالبو ڪيو ته فوري طور فلسطين جي مظلوم عوام جي مدد ڪئي وڃي ۽ فلسطين مٿان ظلم بند ڪيو وڃي

بقايا 10

ڌمڪيون به ملندڙ تفصيل موجب پٿڻي ٿاڻي جي حدن ۾ ڏوهي وارداتون ڪندڙ ڏوهارين ته تباهي ڇڏيو آهي سي پيڪ ۽ بجلي پولن تان تارون جي سرڪاري چورين بعد گهرن جي ڇتين تان سولر پليٽون دڪانن جا تالا توڙي ٿيل چورين سبب پٿڻي شهر جي ذوالفقار ڊنڊڻ شير شورو اويس ڊنڊڻ حاجي ۽ ٻين شريف شهرين هڪ مهينو اڳ ڳوٺي ايس ايس پي سکر جي آفيس پهچي داتهون ڪيون هيون پر رزلٽ زيرو هو ايس ايس پي عابد علي بلوچ جي مقرر ٿيڻ بعد پٿڻي پوليس پنج ڏينهن اڳ هڪ ڏوهاري رازو ميربحر کي گرفتار ڪيو هو جنهن ساٿي چورن ڪاڪو مسڻ،حاڪم عرف حاڪو مسڻ نورو مسڻ ۽ ٻين جا نالا پوليس کي ٻڌائڻ سميت ڪيل چورين به باسيون هيون جنهن بعد ڪاڪو مسڻ کي به پڪڙيو ويو هو پر چورن جي سرپرستي ڪندڙ پاٽاريدارن سجاد ڏاريجو ۽ رزاق مسڻ جن ٿاڻي تي مقرر وڏي منشي عبدالقيوم ڪونهارو کي رشوت ڏئي معاملو ليٽي مٿي ڪرائي چورن کي ڇڏائڻ بعد ايس ايس پي آفيس سکر ۾ وڃي داهيندڙ شهرين کي موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن جنهن بعد ايس ايس پي آفيس وڃي داتهون ڪندڙ پاڳين جو ساه سکي ويو آهي ۽ ڏوهاري طاقتور هجڻ سبب شريف شهري لکين روپين جي ٿيل چورين تان هٿ کڻڻ تي مجبور ٿي ويا آهن ٻئي طرف ذريعن مان اها به ڄاڻ ملي آهي ته موجوده ايس ايس پي عابد علي بلوچ جي آفيس ۾ ويندڙ شڪايتي ماڻهن کي سالن کان ڪمپلين سينٽر جو انچارج بڻيل واجد منگي ٽال مٽول ۽ بهانا ڪري چڪر ڪاٽرائي ٿو ڪمپلين سينٽر انچارج ايس ايس پي سان سائلن کي ملائڻ بدران دڙڪا ۽ داٻا ڏئي واپس موٽڻ تي مجبور ڪندڙ آهي جنهن ڪري ابوجهه ماڻهو سخت پريشان آهن واضح رهي ته پٿڻي ۾ پاٽاريدار رزاق مسڻ ڪجهه سال اڳ اروڙ يونيورسٽي لڳ قومي شاهراه تي سيد اويس شاه جي رائيلٽي واري ناڪي تي منشي هو جتان هن کي چوري الزام هيٺ ڪڍيو ويو هو پر ساڳيو همراه هن وقت ترير ڏوهن جي دنيا جو ڪنگ ۽ پوليس سان سڪ محبت هجڻ سبب ڪلٽڪس ڪار ۽ ڪروڙين روپين بينڪ بئلنس جو مالڪ بڻيل آهي جڏهن ته هن کي خانداني ملڪيت به نه هئي پٿڻي شهر جي سڄاڻ ڌرين پنهنجا نالا ظاهر نه ڪندي ميڊيا آڏو داتهون ڪيون آهن ۽ هنن ايس ايس پي سکر عابد علي بلوچ کي تحقيقات ڪرائي حقيقي ڏوهارين خلاف ڪاروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 11

وئي. فلسطيني عوام جي حق ۾ نڪتل ريلي ۾ اسرائيل ۽ آمريڪا خلاف زوردار نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي شعيه اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اسرائيل دهشتگردي ذريعي فلسطين ۾ بيگناه مسلمانن جي نسل ڪشي ڪري رهيو آهي. فلسطين ۾ مسلمانن جو قتل عام بند ڪيو وڃي. ۽ عالمي طاقتن کي گهرجي ته. اسرائيلي جارحيت خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 12

تائين ريلي ڪڍي اسرائيل خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته فلسطيني عوام مظلوم آهي ۽ سالن ظلم تي رهيو آهي هاڻي پوري دنيا ۾ اهو ثابت ٿي ويو آهي ته عالمي دهشتگرد اسرائيل ۽ آمريڪا آهن پوري دنيا جي مسلمانن تي ظلم مڙهڻ وارا اڄ دنيا جي اڳيان نروار ٿي ويا آهن مظلوم فلسطينين جون شهادتون رائيگان نه ٿينديون احتجاج ڪندڙن حڪومت کي مطالبو ڪندي چيو ته فوري طور ملڪي اسيمبلين مان قرارداون منظور ڪرائي مظلوم فلسطينين کي پاڪستاني فوجي مدد ڪئي وڃي.

بقايا 13

فنانس بينڪ جي اي ٽي مشين تان ملسڪ پاتل ڏوهارين ايريگيشن جي ملازم کان پئسا ڪڍي ڏيڻ جي بهاني، اي ٽي ايم ڪارڊ مٽائي فرار ٿي ويا ٿاڻي تي اين سي داخل ۽ سي سي ٽي وي فٽيج حاصل ڪرڻ باوجود سکر پوليس ڏوهارين اڏو بيوس بڻيل آهي مليل ڄاڻ موجب ته 01 مئي سومر واري ڏينهن ايريگيشن ملازم مائڪرو فنانس بينڪ جي اي ٽي ايم مشين مان پگهار جا پئسا ڪڍڻ لاءِ پهتو ته اتي موجود شڪارين جو شڪار ٿي ويو اهڙي واقعي جي رپورٽ حد جي ٿاڻي تي داخل هوندي به سکر پوليس روائتي انداز ۾ چپ آهي جنهن سبب ساده ۽ ابوجهه ماڻهو سخت پريشان آهن

بقايا 14

شاهجهان جامع مسجد ٺٽو پهچي نماز ادا ڪئي. جمعته الوداع جي موقعي تي ملڪ جي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ دعائون گهريون ويون مسجد ۾ عورتن جي نماز پڙهڻ لاءِ الڳ جڳهه قائم ڪئي وئي جتي سوين عورتن نماز ادا ڪئي رمضان شريف جي آخري عاشور جمعته الوداع جي موقعي تي خصوصي دعائون گهريون ويو.

بقايا 15

شاخ خيرپورناٿن شاه جي چونڊ ضلعه رابطه سيڪريٽري معصوم بخاري جي صدارت ۾ ٿي گذري. ان موقعي تي سال 2024 لاءِ سنڌي ادبي سنگت شاخ خيرپورناٿن شاه لاءِ سيڪريٽري ساٿي محبوب زنگيجو جوائنٽ سيڪريٽري، احسان زنگيجو آڊيٽر، بخت ٻرڙو خزانچي، مصطفيٰ چنو ڪائونسلر، ذوالفقار گاڏهي عهديدار چونڊيا ويا

بقايا 16

ٿيندڙ قتلام عام تي عالم اسلام جي خاموشي لمحه فڪر آهي. جاويد شاه چيو ته انشاءالله فلسطين جي عوام جي ڏنل قرباني رنگ لاهيندي ۽ فلسطين جلد اسرائيل جي جارحيت مان نجات پائيندو هن سموري دنيا جي مسلمان ملڪن کي پڻ اپيل ڪئي ته. هو اڳتي اچي فلسطين جي مسلمانن جي مدد ڪري انهن جي نسل ڪشي کي روڪي اسرائيل کي منهن ٽوڙ جواب ڏنو وڃي. جيئن اڳتي ڪيس مسلمانن ڏانهن منهن ڪئي نيهارڻ جي به همت نه ٿئي.

بقايا 17

ته هي قورو آهن جيڪي مختلف ڏوهن ۾ گهربل رهيا آهن وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون دادو شهر کان ڳوٺ ويندڙ عالماڻي برادريءَ جي ماڻهن کان ڦر ڪئي مزاحمت هڪ فوجي جوان کي زخمي پڻ ڪيو هو ڪيلا پڪٽ وٽ پوليس سان مقابلو ڪيو آهي جنهن ۾ اظهر ڀهڻ ۽ عرفان ڀهڻ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي جن وٽان ٻه پسٽل هڪ موٽرسائيڪل پڻ برآمد ڪئي وئي هنن مٿان مختلف ٿاڻن تي ڪيسن پڻ داخل آهن جن متعلق جاچ ڪري رهيا آهيون.

بقايا 18

پنهور، بخت علي ٿيبو، گوهرام کوسو، عبدالغفار لانگاه، زيدسمون ۽ فلاح ميمڻ ڳالهائيندي چيو ته هينڊز 2002ع کان ضلعي بدين ۾ ڪم ڪري رهي آهي هينڊز جي پروجيڪٽن مان هزارين ماڻهو فائدو وٺي چڪا آهن هن چيو ته هينڊز بدين ۾ مختلف پروجيڪٽن تي ڪم ڪيو آهي جنهن ۾ صحت، تعليم، چوپايو مال، سلائي مشينون، ننڍا ذرعي قرض، جسماني معذورن جي مالي مدد ۽ واش پروگرام شامل آهن هن چيو ته هينڊز بنا ڪنهن فرق رنگ نسل ۽ مذهب جي 42 سالن کان پاڪستان ۾ ڪم ڪري رهي آهي جڏهن ته بدين ۾ 22 سالن کان ڪم ڪري رهي آهي

بقايا 19

ان موقعي تي ايس يو پي اڳواڻ خدا بخش ٿيمور سماجي اڳواڻ عبدالسلام کوسو ايس ڊي پي اڳواڻ غلام مصطفي کوسو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 5 هزار آبادي رڪنڊڙ تاريخي ڳوٺ کي جديد دور ۾ به واٽر سپلاءِ اسڪيم نه ملي سگهي آهي جنهن سبب ڳوٺاڻا 4 ڪلوميٽر مفاصلو طئي ڪري پاڻي ڍوئڻ تي مجبور آهن گرمين ۾ ڳوٺاڻن کي 5 هزار روپين ۾ في ٽينڪر پاڻي خريد ڪرڻو پوي ٿو جنهن سبب سنڌن پاڻي بنا عذاب واري زندگي گذري پئي فوري طور پاڻي نه ڏنو ويو ته انڊس هاءِ وي بلاڪ ڪيو ويندو

بقايا 20

بن ڳوٺن جي 50 کان وڌيڪ زراعت ۾ ڪم ڪندڙ عورتن کي تربيت ڏني وئي. تربيتڪارن جو چوڻ هو ته ٻنين ۾ ڪم ڪندڙ عورتن کي حق ڏنا وڃن ۽ سنڌ وومين ايگريڪلچر ورڪرس قانون 2019ع جا ضابطا جوڙي ان تي عمل کي يقيني بڻايو وڃي. ناري فائونڊيشن، آواز فائونڊيشن پاڪستان جي سهڪار سان زراعت جي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ عورتن جي انساني حقن،صحت جي سنڀال، رهورٽنگ، سماجي مسئلن جي ڄاڻ ۽ صلاحيتن بابت ڄاڻ وڌائڻ جي سري هيٺ نيو تعلقه سکر جي ڳوٺ اسماعيل لباڻو ۽ ڪلادي ڳوٺ ۾ ٻن ڏينهن وارو تربيتي پروگرام منعقد ڪيو ويو تربيتي پروگرام ۾ سکر جي تعلقي نيو سکر جي ٻن ڳوٺن جي وومين ايگريڪلچر ورڪر ڪائونسل ميمبرس جي 50 کان وڌيڪ هارياڻين کي تربيت ڏني وئي، زراعت تربيتي پروگرام ۾ ڳالهائيندي ناري فائونڊيشن جي ايگزيڪيٽو ڊائريڪٽر انور علي مهر ۽ ڪنسلٽنٽ شازيا عباسي چيو ته هن ٻن ڏينهن واري تربيتي ورڪشاپ ۾ عورت هارياڻين کي، انساني حقن، صنفي برابري ۽ معلومات جي ذريعن متعلق معلومات ڏني وئي، عورتن جي ٽريننگ ۾ خطاب ڪندي انور مهر، شازيا عباسي ۽ آمنا ٻڌايو ته هن پراجيڪٽ تحت ناري فائونڊيشن ۽ آواز فائونڊيشن پاڪستان پاران نهرايل وومين ايگريڪلچر ورڪر ڪائونسل جي 100 عورت ميمبرن کي تربيت ڏيئي انهن جي صلاحيت کي وڌائڻ جون ڪوششون ڪيون وينديون ته جيئن زراعت جي ڪم ڪرڻ سان گڏوگڏ انهن ۾ بنيادي انساني حقن جي ڄاڻ پڻ هجي تربيتڪارن عزرا، اشرف خاتون، شهناز، مسمات نوران ۽ ٻين چيو ته هن ٻن ڏينهن واري ٽريننگ ۾ اسين گهڻو ڪجهه سکيو آهي اهڙيون ٽريننگس ٿيڻ گهرجن. جڏهن ته ٽريننگ جي آخري ڏينهن تي انهن کي ٽريننگ سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا.

بقايا 21

جي رهواسي سپاهي علي اصغر مگسي. سندس ڀاءُ ماسٽر علي گل مگسي ۽ ان جو پٽ وسيم مگسي جيڪي منشيات جو ڌنڌو ڪاروبار ڪن ٿا. ڳوٺ جي نيڪ مردن جي روڪڻ تي موتمار ڌمڪيون ڏين ٿا. هن چيو ته علي اصغر مگسي کي ان وقت جي ايس ايس پي سسپينڊ به ڪيو هو ۽ سندس بحاليءَ جي درخواست ڊي آءِ جي به رد ڪري چڪو آهي. هن چيو ته هنن مهينو اڳ منهنجي سالن جي پٽن تي پڻ هلان ڪئي هئي جنهن جو راجوڻي ڪوشش سان علائقي جي چگي مڙس ڊاڪٽر علي خان جماليءَ وٽ فيصلو ٿيو، جنهن ۾ هن تي پنجاه هزار رپيا ڏنڊ پيو هو هينئران رقم جي ادائگيءَ جو ٽائيم هو ته هنن سرڪاري هٿيارن سان پنهنجي ڀاءُ ماسٽر علي گل ۽ وسيم مگسيءَ سان گڏ رات جي وقت اسان جي گهرن مٿان فائرنگ ڪئي. جنهن سبب ڳوٺ ۾ هراس پکڙجي ويو هن چيو ته علي اصغر مگسي پوليس ۾ آهي. انکري شايد پوليس سندس مدد ڪري رهي آهي جو فائرنگ به اسان جي گهرن تي ڪئي وئي ۽ اين سي به اسان مٿان داخل ڪئي وئي آهي. هن چيو ته علي اصغر مگسي پنهنجي گهرواريءَ کي وٺي، اسان مٿان دانهين رهيو آهي. هن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪندي چيو ته علي اصغر مگسي مان اسان کي جاني خطرو آهي. ڪيس گرفتار ڪري اسان کي تحفظ سان انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 22

جي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن کي خطاب ڪندي صوبائي ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري زوار دوست علي ونگائي ضلع صدر سيد زاهد علي شاه بخاري مولانا امجد جعفري مولانا حب علي حيدري مولانا ڊاڪٽر خادم حسين الحسيني واجد علي عباسي ۽ ٻين چيو ته پوري دنيا ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل دهشتگردي ڪندا رهيا آهن هڪ وڏي عرصي کان امام خميني اسلامي دنيا کي اپيل ڪئي ته هر سال قبله اول بيت المقدس جي آزادي لاءِ رمضان المبارڪ جي آخري جمعي تي احتجاج ڪري مظلوم فلسطينين جي ڀرپور حمايت ڪئي وڃي اڳواڻن چيو ته اسان مظلوم جا حامي ۽ ظالم جا مخالف آهيون انڪري اسان تي زميواري آهي ته فلسطيني مسلمانن جي حمايت لاءِ اڄوڪو ڏينهن ڀرپور نموني ملهايون جلوس جا شرڪاءَ آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف اپ ڏاريندڙ نعرا هڻي رهيا هئا جڏهن سندن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ هئا جن تي مرده باد آمريڪا ۽ اسرائيل قدس جي آزاديءَ تائين جنگ رهندي جا نعرا لکيل هئا آخر ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل سان نفرت جو اظهار ڪندي سندن پتلو پڻ ساڙيو ويو

بقايا 23

پارن سان گڏ مسجد ابو تراب کان احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. ريلي شهر جي مختلف رستن تان ٿيندي قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي پهتي. جتي الڳ الڳ خطاب ڪندي مولانا سيد نثار حسين شاه نقوي، مولانا دلدار حسين ٻرهياڙ ۽ مولانا منظور حسين کوسو چيو ته فلسطين جي مردن، عورتن ۽ معصوم ٻارڙن تي اسرائيل پاران ڪيل بمباريءَ کي صيهوني جارحيت سمجهون ٿا ۽ اسرائيل ۽ آمريڪا دنيا تي حڪمراني ڪرڻ وارن ناپاڪ منصوبن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ عالم اسلام کي ڪچلڻ چاهي ٿو هنن چيو ته اسرائيل عالمي معاهدي جي انحراني ڪندي ٻر ۽ موتمار هٿيارن جو استعمال ڪري رهيو آهي. جنهن سان اسڪول، اسپتالون، رهائشي علائقا مڪمل تباه ٿي چڪا آهن ۽ هزارين فلسطينين جو قتل عام ڪري بيگناه رت وهايو ويو آهي. هنن چيو ته مسلمان ملڪن کي متحد ٿي آمريڪا ۽ اسرائيل سميت اسلام دشمن ملڪن خلاف جهاد ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن مسلم ملڪ يهودي بربريت تي وڌيڪ خاموش رهيا ته ان جا انتهائي ڀيانڪ نتيجا نڪرندا. ريلي ۾ شريڪ مرد، عورتون ۽ ٻارڙا اسرائيل جي ذليل ظلمن خلاف سخت نعريبازي ڪري رهيا هئا.

بقايا 24

بارگاه حضرت ابوطالب عليه سلام کان جي ايم سيد چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي ريلي جي اڳواڻي محمد عرس مستوئي، قربان مستوئي،سيد اظهار علي شاه ،لالا مستوئي، منير سيال ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي شيعا اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اسرائيل دهشتگردي ذريعي فلسطين ۾ رهندڙ بيگناه مسلمانن تي ظلم ڪرڻ سان گڏ انهن کي شهيد ڪري رهيو آهي ۽ اسان مسلمان ڀائرن جي نسل ڪشي ڪڏهن به برداشت نه ڪنداسين هنن وڌيڪ چيو ته فلسطين ۾ مسلمانن جو قتل عام بند ڪيو وڃي ۽ اسلامي ملڪن کي گهرجي ته فلسطين جي مسلمان ڀائرن جو ساٿ ڏين

بقايا 25

کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيوان سلسلي ۾ ترجمان پوليس محمد بخش بلوچ پاران جاري ڪيل پريس بيان ۾ چيو آهي ته سکر جي ٽئين پنڊ ٿاڻي جي پوليس ايس ايس پي سکر عابد علي بلوچ جي هدايتن تي عمل ڪندي سماجي برائين خلاف ڪاروائيون ڪندي ٿاڻي جي حدد اندر آڪڙا پرچي جوا جي اڏي تي چاپو هڻي 10 جوابدارن کي گرفتار ڪري جوابدارن جي قبضي مان پرچي سلپ باڪس، موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿ ڪيا آهن گرفتار جوابدارن ۾ عابد حسين، شاه علي، نذير، شهزاد، مرتضيٰ لطيف، بلاول ۽ ٻيا شامل آهن جڏهن ته جوابدارن خلاف سرڪاري فرياد تي ڪيس پڻ داخل ڪيو آهي ايس ايس پي سکر پاران پوليس ٽيم کي شاباسي جو پيغام موڪليو آهي ۽ سماجي برائين خلاف وڌيڪ ڪاروائيون تيز ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي

بقايا 26

ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ برادر تنظيمن کان علاوه واپاري برادري سميت شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جماعت اسلامي جي ضلعي امير سيد علي مردان شاه گيلاني ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان جا ٻارڙا مسجد الاقصي جي حفاظت لاءِ پنهنجي رت جو آخري قطرو به وهائڻ لاءِ تيار آهن، اسرائيلي ظلم خلاف آواز اٿارڻ اخلاقي ۽ انساني فرض آهي.هن وڌيڪ چيو ته اڄ فلسطين خونريزي ڪري رهيو آهي، بيت المقدس جي حفاظت اسان جو ديني ۽ مذهبي فرض آهي هن وقت پوري دنيا يهوديت جي ڪنر سان گڏ بيٺي آهي. فلسطين جي عوام يهوديت خلاف اڪيلو بيت المقدس جي آزادي لاءِ جنگ وڙهي رهي آهي. اسرائيلي ظلم ڪنهن کان ڳجهو ناهي. فلسطينيءَ عوام يهوديت جي خلاف جنگ وڙهي رهيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته اسرائيل معصوم فلسطينين تي ظلم ۽ بربريت جا جبل ڪيرائي ڇڏيا آهن پر افسوس جو عالمي قوتون ۽ مسلمان حڪمران جان بوجهه ڪري خاموش آهن ۽ فلسطيني مسلمانن جي هر صورت ۾ اخلاقي ۽ مالي مدد جاري رکنداسين ان موقعي تي الله هاليپوٽو غلام رسول احمداڻي علي گل ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪيو

بقايا 27

مان نڪرندڙ شاخ. پررو مائينر، ڊيلو مائينر، سيڙهي شاخ ۾ پاڻي جي ڪوٽ شدت اختيار ڪري وئي، انهي حوالي سان آبادگارن ۽ علائقي واسين عثمان هالو، ربنواز، بابوجان ۽ ٻين ٻڌايو ته هڪ مهيني کان شاخن ۾ پاڻي جي ڪوٽ سبب اسانجو پوکيل فصل سڪي نوٽ بڻجي ويو ۽ ٽئين پوکائي به سخت متاثر ٿي رهي آهي، جنهن سان اسانکي لکين رپين جو معاشي نقصان ٿي رهيو آهي. هنن چيو ته علائقي ۾ هاڻي پيئڻ جو پاڻي به اڻ لڀ بڻجي ويو آهي جنهن جي ڪري جرجو ڪارو ۽ سنگيئي وارو پاڻي واپرائڻ سبب هتان جا ماڻهو گيسٽرو سميت ٻين بيمارين ۾ مبتلائي ويا آهن. انهي سان گڏ چوپائي مال سميت پکي پکڻ به پاڻي جي ڦڙي لاءِ تڙپي رهيا آهن. هنن چيو ته ٽر پارڪر ضلعي جي اها واحد شاخ آهي جنهن ۾ به ضرورت مطابق پاڻي نه پيو ملي جڏهن ته ناراڪينال ۾ هن وقت 10هزار ڪيوسڪ کان وڌيڪ پاڻي موجود آهي. هنن چيو ته ايريگيش

بقايا 28

خان جي قليلي روڊ تي احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو، احتجاج دوران مجلس وحدت المسلمين جي اڳواڻن ضلعي صدر امجد حسيني ، سجاد بومڪي ، مولانا محمود الحسن ، ساجن مغل ۽ ٻين چيو ته فلسطيني عوام جي قتل عام جو عالمي ادارا نوٽيس وٺڻ ۾ ناڪام ٿي ويا آهن ، اسرائيلي جارحيت ذريعي ٿيندڙ قتل عام هزارين انساني جانيون ضايع ٿي ويون آهن جنهن ۾ معصوم ٻار ، مرد عورتون شامل آهن. جنهن جو اقوام متحده کي سختي سان نوٽيس وٺڻ گهرجي ، ٻي صورت ۾ هاڻي پوري دنيا جي مسلم امت کي هڪ آواز ٿي اسرائيلي جارحيت کي بند ڪرائڻ گهرجي ، قتل عام جو سلسلو بند نه ڪيو ويو ته ڀرپور مزاحمت ڪئي ويندي.

بقايا 29

افادو عوام کي پهچي سگهي ڊپٽي ڪمشنر پرائس ڪنٽرول ڪميٽي/مارڪيٽ ڪميٽي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته هو روزاني جي بنياد تي سبزي منڊي ۾ عام واهپي جي شين جي آڪشن دوران موجود رهن جڏهن ته. شيون آڪشن ڪندڙ واپارين جا لائسنس پڻ چيڪ ڪيا وڃن بغير لائسنس جي شيون آڪشن ڪندڙ واپارين کي جلد رجسٽرڊ ڪري ڪين قانون مطابق لائسنس فراهم ڪيو وڃي ڊپٽي ڪمشنر ڪين اها پڻ هدايت ڪئي ته. هتان آڪشن ٿيندڙ ڪاڏي پيتي جي شين ڪانپوءِ عام مارڪيٽ ۾ پڻ انهن شين جي قيمتن جو جائزو ورتو وڃي وڌيڪ قيمتون وٺندڙن خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي ان موقعي تي ايڊيشنل ڊائريڪٽر/ انچارج پرائيس ڪنٽرول ڪميٽي محمد رمضان چڏ ۽ فوڪل پرسن شهيب شاه پاران سبزي منڊي ۾ آڪشن ٿيندڙ شين بابت ڊپٽي ڪمشنر کي تفصيلي آگاهي ڏني وئي.

بقايا 30

گينگ جي خلاف آپريشن جاري آهي پوليس رينجرس ۽ ڏوهارين وچر جديد هٿيارن جو استعمال ڪيو پيو وڃي فائرنگ سبب علائقو جنگ جو ميدان بڻيل رهيو پر پاسي ۾ رهندڙ ڳوٺاڻا گهرن تائين محدود ٿي ويا ايس ايس پي موجب پوليس جي فائرنگ ۾ به ڏوهاري زخمي ٿيا آهن پوليس ڪارروائي دوران گهربل رپوش جوابدارن جي ٽن گهرن کي باهيون ڏئي ساڙي ڇڏيو پئي پاسي ايس ايس پي ڪشمور جو چوڻ آهي ته پنج کان وڌيڪ شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري ورتو آهي جن جو ريڪارڊ چيڪ ڪيو پيو وڃي واضع رهي ته ٻه ڏينهن اڳ هٿياربندن انڙ پوليس چيڪ پر سان انڊس هاءِ وي تي ڪاه ڪري اينڊڙ ويندڙ گاڏين تي فائرنگ ڪري هڪ مسافر کي گوليون هڻي قتل ڪرڻ بعد هڪ مسافر ضمير بروهي کي هٿيارن جي زور تي مبينا طور اغوا ڪري ويا هئا .

بقايا 31

سگهندا احمد گوندر، ظفرحميد، بابا مان به عيد ڪندر جي سري هيٺ مليرجي مختلف ڳوٺن ۾ جنهن ۾ ڪذاپ ميمڻ ڳوٺ ڪاٺوڙ ۽ ٻين علائقن ۾ وڃي غريب سفيد پوش فيملين جي ٻارڙن ۾ هرسال جيان هن سال به توان ڪپڙا ڏنا ويا. صحافين سان ڳالهائيندي بابا مان به عيد ڪندم جي اڳواڻ احمد گوندر ۽ ظفر حميد چيو ته اسان جي ڪوشش هوندي آهي ته وڌ کان وڌ غريب ٻارڙن ۾ ڪپڙا ورهايا وڃن. اسان جي ٽيم جنهن ۾ ظفر حميد بلوچ احمد گوندر سليم جوکيو علي ڪلمتي سليمان گوندر شامل آهن. پنهنجي اڻ ٿڪ محنتن سان ڳوٺن ۾ مستحق خاندان ڳولي سائن عيد جون خوشيون ورهائيندا آهن. عيد خوشين جو ڏينهن آهي اسان جي ڪوشش آهي ته هر غريب ٻار کي ڪپڙا ڏئي سندس منهن تي مرڪون آئيون. هن وقت غربت جي شرح حد کان مٿي آهي، ملير ۾ اڪثريت غريب ماڻهن جي آهي جيڪي سفيد پوش ماڻهو آهن اوهي ڪنهن جي سامهون هٿ ڦهلائي ناهن سگهندا اهڙن ماڻهن جي مدد ڪندي خوشي محسوس ٿيندي آهي، اسان انهن دوستن جا به شڪر گذار آهيون جيڪي هن ڀلي ڪم ۾ پنهنجو حصو ملائي غريبن جي مدد ڪندا آهن.

بقايا 32

ٻنون جو عوام هن جديد دورزماني ۾ بجلي، سئي گيس، پيئڻ جي پاڻي، ڊرينيج ۽ ٻين سمورين بنيادي سهولتن کان محروم بڻيل آهي. ان سلسلي ۾ ٻنون جي شهرين ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن عبدالڪريم پليجو، غلام عباس پليجو، پرڪاش لال، عبدالرحيم قاضي، غني جوش پليجو سرفراز سومرو، ذين العابدين سومرو ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو آهي ته ٻنون ۽ آسپاس جي سوين ڳوٺن جي بجلي 17 سالن کان بقايات جو جواز ڄاڻائي بند ڪئي وئي آهي، ٻنون جا شهري اڄ به. سو سال اڳ واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. هنن وڌيڪ چيو ته. ٻنون تاريخي شهر آهي، جنهن کي حڪومت چونڊيل نمائندن ۽ پوتارن طرفان گذريل 40 سالن کان مسلسل نظرانداز ڪيو ويو آهي، هنن مطالبو ڪيو ته ٻنون شهرجي شهر جي بجلي بحال ڪرڻ سميت شهر جا سمورا بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن. ٻئي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 33

بيگناه فلسطينين کي شهيد ڪري رهيو آهي هن چيو ته فلسطين جي عوام مٿان اسرائيل جو ظلم ورهين کان جاري آهي پر ان ناحق تي عالمي طاقتون ۽ انساني حقن جون عالمي تنظيمون خاموش تماشائي بڻيل آهن هنن چيو ته اسرائيل فلسطين ۾ هر ڏينهن معصوم ٻارڙن ۽ عورتن ۽ مردن کي پنهنجي ظلم جو نشانو بڻائي سرعام دهشتگردي ڪري رهيو آهي هنن اقوام متحده کان مطالبو ڪندي چيو ته هن مسئلي تي سخت نوٽيس وٺي فلسطيني عوام جو قتل عام بند ڪرائي بيت المقدس تان اسرائيل جو قبضو ختم ڪرايو وڃي.

بقايا 34

مافيا مختلف بهانن ڪڏهن رقم ختم ٿيڻ ته ڪڏهن ٺر جا فڪر نه لڳڻ جو بهانو بڻائي ڪين واپس ڪرڻ لڳا ان ڏس ۾ سڪرنڊ جي پوسٽ آفيس پرسان فارم مياڻ ڪڏهر دليل ديرو صابو راهو اسٽيشن روڊ نوابشاه روڊ محرابپور مجيد ڪيريو ۾ ديوائيز هلائيندڙ هر هڪ عورت کان پنج سئو رپيا ڪٽوتي ڪرڻ لڳا جڏهن ته ڪيترين اٻوجهه اڻ پڙهيل عورتن جا فنگر پرنٽ وٺڻ ڪانپوءِ انهن کي اهو چئي موٽائي ڇڏيو ته ٻن ڏينهن ڪانپوءِ اچجو پر ذريعن موجب غريب عورتن جا فنگر پرنٽ وٺڻ بعد رقم ڪڍي ڀاڻ ڦبائن ٿا ۽ غريب عورتن کي فنگر نه لڳڻ جو چئي روزانو چڪر ڪاٽرائن ٿا جڏهن هڪ غريب عورت جادل خاتون جا آيل ساڍا پندرهن هزارن مان ڏهه هزار ڏئي ٻي رقم هڙپ ڪري ويا غريب متاثر عورت جي ميڊيا آڏو داهون هوڏاهن ديوائيز هلائيندڙن جي جاڻايل عمل جي وڊيوز بسپ ريجنل ڊائريڪٽر ڏاهن مرڪلڻ باوجود ديوائيز مافيا خلاف ڪابه ڪارروائي عمل ۾ نه اچي سگهي هئي، ان سلسلي ۾ سڪرنڊ جي سماجي حلقن جو چوڻ آهي ته بسپ آفيسرن جي آشيرواد سان ڪٽوتي وارو عمل جاري آهي غريب عورتون ڌڪا کائڻ تي مجبور آهن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام چيئر پرسن سميت لاڳاپيل اختيارن کان ڪفالت پروگرام کي شفاف بڻائڻ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 35

جي سهڪار سان پريس ڪلب ٺٽو ۾ ميڊيا سيمينار منعقد ڪيو ويو. سيمينار ۾ مرف جي ريجنل پروگرام مئنيجر ملڪ آدم، هيلٿ پروجيڪٽ مئنيجر ڊاڪٽر زينب، اعجازجاکرو، بريفنگ ڏيندي چيو ته. ٺٽو ۽ سجاول ضلعا پاڪستان جا پٺتي پيل ضلعا آهن. هي علائقا ساموندي پٽي تي هجڻ ڪري هر وقت قدرتي آفتن جي ليپيٽ ۾ رهن ٿا. ساموندي پٽي ۾ صحت جي سهولتن جو مسئلو رهي ٿو. مرف اداري پاران يونيسيف جي سهڪار سان ٺٽي ضلعي جي 4 ۽ سجاول ضلعي جي 3 يونين ڪائونسلن ۾ ٻارڙن ۽ عورتن ۾ ڦهلجندڙ بيمارين کي روڪڻ لاءِ منصوبو شروع ڪيو ويو آهي، جن يوسيز ۾ منصوبو شروع ڪيو ويو آهي سمورين يوسيز ساموندي پٽي ۾ آهن. هن وقت تائين 8191 ٻارڙن کي ڊائريا جي بيماري کان بچاءُ لاءِ ويڪسين ڏني وئي آهي، 13811 ٻارڙن کي مختلف بيمارين کان بچائڻ لاءِ اسڪينگ ڪئي وئي آهي، 2093 عورتن کي ڊليوري دوران سهولتون ڏنيون ويون آهن، 2260 ٻارڙن کي ٽڪا هنيا ويا آهن. جڏهن ته 24728 متاثر ماڻهن کي مختلف بيمارين کان بچاءُ جي ڪٽ ڏني وئي آهي، ٺٽي ضلعي ۾ تعلقي اسپتال ميرپور ساڪرو، رورل هيلٿ سينٽر ٻگهاڻ ۽ آرايچ سي ورڪي هيلٿ فيسلٽي سينٽر طور مقرر ڪيو آهي. جتي ليڊي ڊاڪٽرن سميت اسٽاف پڻ مقرر ڪيو ويو آهي، جن علائقن ۾ منصوبو هلي رهيو آهي اتي 14 ويڪسينيٽر مقرر ڪيا ويا آهن جيڪي مقامي سطح تي ڪم ڪري رهيا آهن انهي موقعي تي پريس ڪلب ٺٽو جو صدر اقبال جاکرو .. جنرل سيڪريٽري وهاب شيخ . نائب صدر اسماعيل ميمڻ سينئر صحافي ۽ ٺٽي پريس ڪلب جا ميمبر رشيد جاکرو . رحمت الله چنو. نظير جاکرو جاويد لطيف ميمڻ . حاجن سولنگي .. منصور جلالاني _ خدا بخش بروهي . ساجد شيخ سميت سول سوسائٽي جي دوستن شرڪت ڪئي

بقايا 36

سيمينار ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر شڪارپور ڊاڪٽر وسيم الدين شيخ، ڊسٽرڪٽ فوڪل پرسن برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن پرويز احمد لاکو، ڊاڪٽر عبدالله خلجي، ڊسٽرڪٽ فيلڊ سپروائيزر برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن بلاول شيخ ، ڊاڪٽر سڪندر علي سومرو، ڊاڪٽر صلاح الدين شيخ، ليڊي هيلٿ ورڪرز ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن شرڪت ڪئي. سيمينار سان خطاب ڪندي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر شڪارپور ڊاڪٽر وسيم الدين شيخ، ڊسٽرڪٽ فوڪل پرسن برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن پرويز احمد لاکو، ڊاڪٽر عبدالله خلجي، ڊسٽرڪٽ فيلڊ سپروائيزر برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن بلاول شيخ ۽ ٻين چيو ته ٽي بي جون نشانيون هي آهن ٻن هفتن کان کنگهه. وزن ۾ مسلسل ڪمي، رات جو پگهر سان بخار نڪرڻ. بلغم ۾ رت اچڻ ۽ جسم ۾ سستي ٿيڻ هي اگر توهان پاڻ ۾ سمجهو ته جلد کان جلد ڊاڪٽر سان رابطو ڪيو جنهن به مريض کي ٽي بي ظاهر ٿي ته. ان کي منهن تي ماسڪ پائڻ گهرجي. جڏهن ٽي بي جو مريض بلغم اڇلائي ته ان کي مٽي يا چوني سان ڍڪي ڇڏي. پنهنجي گهروارن کي ٽي بي بچاءُ جو ڪورس ڪرائي. هنن وڌيڪ چيو ته اسان ورلڊ ٽي بي ڊي جو ملهائيندا آهيون ۽ ان جو مقصد جا آهي. 24 مارچ 1882ع ۾ ڊاڪٽر رابوٽ ڪاڪ ٽي بي جو جرثيم مائڪروبيڪٽرزم ٽيوبرڪلوسز دريافت ڪيو ان کان پوءِ هڪ سؤ سال کان پوءِ انٽرنيشنل يونين اگينسٽ ٽيوبرڪلوسز ۽ لنگ ڊزيز جيڪا سڄي دنيا ۾ ٽي بي پاليسي ناهيندي آهي انهن فيصلو ڪيو ته هاڻي کان هرسال 24 مارچ تي ڊاڪٽر رابوٽ ڪاڪ جي ياد ملهائڻ لاءِ ورلڊ ٽي بي ڊي ملهائينداسين. تنهنڪري 24 مارچ 1982ع کان هر سال اسان ورلڊ ٽي بي ڊي ملهائيندا آهيون. جنهن ۾ سيمينار، پريس ڪانفرنس، واڪ ۽ ٻيا پروگرام ڪندا آهيون. هي پروگرام دنيا جي 206 ملڪن ۾ ملهايو ويندو آهي ، جن مان 193 اقوام متحده ۽ 57 اسلامي ملڪ آهن.

بقايا 37

جي سهڪار سان پريس ڪلب ٺٽو ۾ ميڊيا سيمينار منعقد ڪيو ويو. سيمينار ۾ مرف جي ريجنل پروگرام مئنيجر ملڪ آدم، هيلٿ پروجيڪٽ مئنيجر ڊاڪٽر زينب، اعجازجاکرو. بريفنگ ڏيندي چيو ته. ٺٽو ۽ سجاول ضلعا پاڪستان جا پٺتي پيل ضلعا آهن. هي علائقا ساموندي پٽي تي هجڻ ڪري هر وقت قدرتي

آفتن جي ليپيٽ ۾ رهن ٿا. ساموندي پٽي ۾ صحت جي سهولتن جو مسئلو رهي ٿو. مرف اداري پاران يونيسيف جي سهڪار سان ٺٽي ضلعي جي 4 ۽ سجاول ضلعي جي 3 يونين ڪائونسلن ۾ ٻارڙن ۽ عورتن ۾ ڦهلجندڙ بيمارين کي روڪڻ لاءِ منصوبو شروع ڪيو ويو آهي، جن يوسيز ۾ منصوبو شروع ڪيو ويو آهي سمورين يوسيز ساموندي پٽي ۾ آهن. هن وقت تائين 8191 ٻارڙن کي ڊائريا جي بيماري کان بچاءُ لاءِ ويڪسين ڏني وئي آهي، 13811 ٻارڙن کي مختلف بيمارين کان بچائڻ لاءِ اسڪينگ ڪئي وئي آهي، 2093 عورتن کي ڊليوري دوران سهولتون ڏنيون ويون آهن، 2260 ٻارڙن کي ٽڪا هنيا ويا آهن. جڏهن ته 24728 متاثر ماڻهن کي مختلف بيمارين کان بچاءُ جي ڪٽ ڏني وئي آهي، ٺٽي ضلعي ۾ تعلقي اسپتال ميرپور ساڪرو، رورل هيلٿ سينٽر ٻگهاڻ ۽ آرايچ سي ورڪي هيلٿ فيسلٽي سينٽر طور مقرر ڪيو آهي. جتي ليڊي ڊاڪٽرن سميت اسٽاف پڻ مقرر ڪيو ويو آهي، جن علائقن ۾ منصوبو هلي رهيو آهي اتي 14 ويڪسينيٽر مقرر ڪيا ويا آهن جيڪي مقامي سطح تي ڪم ڪري رهيا آهن انهي موقعي تي پريس ڪلب ٺٽو جو صدر اقبال جاکرو .. جنرل سيڪريٽري وهاب شيخ . نائب صدر اسماعيل ميمڻ سينئر صحافي ۽ ٺٽي پريس ڪلب جا ميمبر رشيد جاکرو . رحمت الله چنو. نظير جاکرو جاويد لطيف ميمڻ . حاجن سولنگي .. منصور جلالاني _ خدا بخش بروهي . ساجد شيخ سميت سول سوسائٽي جي دوستن شرڪت ڪئي

بقايا 38

جويو پاران کلي عام کچي شراب جون ڀٺيون قائم ڪري سرعام آئيس، هيروئن ۽ کچي شراب ٺري جو وڪرو هن رمضان جي پلاري مهيني ۾ به جاري آهي، جن کي ان عمل کان شهرين پاران روڪڻ تي منشيات فروش حملو ڪري گهارو جي رهواسي ملاح اڳواڻ اشرف ملاح جي ڀاءُ غلام قادر ملاح کي زخمي ڪري وڌو آهي، جنهن کي علاج لاءِ گهارو اسپتال منتقل ڪري حملي آور منشيات فروشن خلاف گهارو ٿاڻي تي رپورٽ پڻ درج ڪرائي وئي آهي، پر اڃان تائين حملي آور منشيات فروش گرفتار ٿي ناهن سگهيا، جن تي منشيات جا ڪيترائي ڪيس داخل ٿيل آهن جن خلاف پوليس به ڪا سخت ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهن. مذڪور منشيات فروش دوست علي جويو ۽ صدام جويو بلاجواز شريف شهرين کي تنگ ڪري انهن مٿان حملا ڪن ٿا. هتان جي رهواسين ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر عمران خان ۽ سي آءِ اي ٺٽو جي انچارج ممتاز علي بروهي کان مطالبو ڪيو آهي ته فورن نئي آبادي گهارو جي رهواسي آئيس، هيروئن ۽ کچي شراب ٺري جي منشيات فروشن دوست علي جويو، صدام جويو ۽ ٻين خلاف سخت ڪاروائي ڪري شهرين کي انهن جي ظلمن مان نجات ڏياري نوجوان نسل جون زندگيون بچائي ملاح اڳواڻ اشرف ملاح جي ڀاءُ غلام قادر ملاح تي حملو ڪندڙ منشيات فروش ڏوهارين کي گرفتار ڪري ڪين ڪيفر ڪردار تائين پهچايو وڃي. جيئن اتان جا رهواسي سک جو ساه کڻي سگهن.

بقايا 39

جڊيشل مئجسٽريٽ بدين پوهيٽ مل راءِ جي عدالت ۾ انا انڙ جي قبر ڪشائي ۽ ان جو پوسٽ مارٽم ۽ ميڊيڪل ڪرائڻ جي اجازت لاءِ درخواست داخل ڪئي جنهن تي سول جج ۽ جڊيشل مئجسٽريٽ بدين پوهيٽ مل راءِ انا انڙ جي قبر ڪشائي ڪرڻ بعد لاش جو پوسٽ مارٽم ۽ ميڊيڪل ڪرائڻ ۽ قبر تي پوليس پڪٽ قائم ڪرڻ جو حڪم جاري ڪري ڇڏيو آهي لاڙڪاڻي واسي شادي شدي عورت انا انڙ سان اجتماعي لجالت بعد ڪيس قتل ڪري گجهه گوهه ۾ لنواري شريف ۾ دفن ڪرڻ جي ان ڏينهن ڪانپوءِ مسمات انا انڙ جي موت کان پهرين واري وڊيو سوشل ميڊيا تي وائرل ٿيڻ وارين خبرون ميڊيا تي نشر ٿيڻ بعد ايس ايس پي بدين شيراز نظير فوري طور نوٽيس وٺي ورتو آهي ايس ايس پي بدين شيراز نظير چيو آهي ته واقعي بابت متعلقه ڪورٽ کان اجازت ملڻ ڪانپوءِ فوتڻ انا انڙ جي قبر ڪشائي بعد سنڌس ميڊيڪل ڪرايو ويندو هن چيو آهي ته هن واقعي جي غير جانبدارانا جانچ ڪري ملوث جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو ٻئي طرف فوتڻ انا انڙ جو والد غلام مصطفي انڙ سميت سمورا گهر ڀاتي لنواري شريف مان غائب ٿي ويا آهي فوتڻ جي والدين سميت ڪوب گهر ڀاتي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرائڻ به نه آيو آهي ۽ نه ئي فوتڻ جي وڊيو ناهيندڙ ۽ وائرل ڪندڙ ماڻهو ظاهر ٿيو آهي ذريعن کان ملندڙ ڄاڻ موجب ته انا انڙ تي سندس مڙس تشدد ڪري برو ڪم ڪرائڻ تي ڪيس مجبور ڪندو هو جتان هو ڀڄي اچي حيدرآباد ۾ پنهنجي ڀاءُ صدام وٽ پناه ورتي پر سندس ڀاءُ به هن کان زبردستي برو ڪم ڪرائڻ لاءِ هن تي تشدد ڪندو هو جنهن سبب هو فوت ٿي ويئي ذريعن موجب ته انا انڙ جي والد سميت گهر ڀاتين کي به هن معاملي جي ڄاڻ هئي ۽ هنن ان ڪري انا انڙ جي لاش جو پوسٽ مارٽم به ڪرايو ۽ گجهه گوهه ۾ لنواري شريف ۾ قبرستان ۾ هن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ ميڊيا تي خبرون اچڻ ڪانپوءِ هو به غائب ٿي ويا آهن ٻئي پاسي اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته فوتڻ انا انڙ جي هڪ ڀيڻ کي دارالامان حيدرآباد ۾ داخل ڪرايو ويو آهي ۽ اها ڳالهه به ڳجهارت بڻيل آهي ته انا انڙ اصل لاڙڪاڻي جي آهي جتي هن جي 17 سال پهرين سيتا شهر واسي سان بدي ۾ شادي ٿي ويئي ۽ هن جا گهر ڀاتي لنواري شريف ڪڏهن آيا ۽ سترن سالن ڪانپوءِ هوءَ پنهنجي مڙس جي گهران ڇو نڪتي بدين دادو ۽ حيدرآباد پوليس لاءِ هي واقعو وڏو چيلنج بڻيل آهي

بقايا 40

جي رهواسي سپاهي علي اصغر مگسي. سندس ڀاءُ ماسٽر علي گل مگسي ۽ ان جو پٽ وسيم مگسي جيڪي منشيات جو ڌنڌو ڪاروبار ڪن ٿا. ڳوٺ جي نيڪ مردن جي روڪڻ تي موتمار ڌمڪيون ڏين ٿا. هن چيو ته علي اصغر مگسي کي ان وقت جي ايس ايس پي سسپينڊ به ڪيو هو ۽ سندس بحاليءَ جي درخواست ڊي آءِ جي به رد ڪري چڪو آهي. هن چيو ته هنن مهينو اڳ منهنجي سالن جي پٽن تي پڻ هلان ڪئي هئي جنهن جو راجوڻي ڪوشش سان علائقي جي چگي مڙس ڊاڪٽر علي خان جماليءَ وٽ فيصلو ٿيو، جنهن ۾ هن تي پنجاه هزار رپيا ڏنڊ پيو هو هينئران رقم جي ادائگيءَ جو ٽائيم هو ته هنن سرڪاري هٿيارن سان پنهنجي ڀاءُ ماسٽر علي گل ۽ وسيم مگسيءَ سان گڏ رات جي وقت اسان جي گهرن مٿان فائرنگ ڪئي. جنهن سبب ڳوٺ ۾ هراس پکڙجي ويو هن چيو ته علي اصغر مگسي پوليس ۾ آهي. انکري شايد پوليس سندس مدد ڪري رهي آهي جو فائرنگ به اسان جي گهرن تي ڪئي وئي ۽ اين سي به اسان مٿان داخل ڪئي وئي آهي. هن چيو ته علي اصغر مگسي پنهنجي گهرواريءَ کي وٺي، اسان مٿان دانهين رهيو آهي. هن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪندي چيو ته علي اصغر مگسي مان اسان کي جاني خطرو آهي. ڪيس گرفتار ڪري اسان کي تحفظ سان انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 41

سيمينار ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر شڪارپور ڊاڪٽر وسيم الدين شيخ، ڊسٽرڪٽ فوڪل پرسن برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن پرويز احمد لاکو، ڊاڪٽر عبدالله خلجي، ڊسٽرڪٽ فيلڊ سپروائيزر برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن بلاول شيخ ، ڊاڪٽر سڪندر علي سومرو، ڊاڪٽر صلاح الدين شيخ، ليڊي هيلٿ ورڪرز ۽ سول سوسائٽي جي ماڻهن شرڪت ڪئي. سيمينار سان خطاب ڪندي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر شڪارپور ڊاڪٽر وسيم الدين شيخ، ڊسٽرڪٽ فوڪل پرسن برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن پرويز احمد لاکو، ڊاڪٽر عبدالله خلجي، ڊسٽرڪٽ فيلڊ سپروائيزر برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن بلاول شيخ ۽ ٻين چيو ته ٽي بي جون نشانيون هي آهن ٻن هفتن کان کنگهه. وزن ۾ مسلسل ڪمي، رات جو پگهر سان بخار نڪرڻ. بلغم ۾ رت اچڻ ۽ جسم ۾ سستي ٿيڻ هي اگر توهان پاڻ ۾ سمجهو ته جلد کان جلد ڊاڪٽر سان رابطو ڪيو جنهن به مريض کي ٽي بي ظاهر ٿي ته. ان کي منهن تي ماسڪ پائڻ گهرجي. جڏهن ٽي بي جو مريض بلغم اڇلائي ته ان کي مٽي يا چوني سان ڍڪي ڇڏي. پنهنجي گهروارن کي ٽي بي بچاءُ جو ڪورس ڪرائي. هنن وڌيڪ چيو ته اسان ورلڊ ٽي بي ڊي جو ملهائيندا آهيون ۽ ان جو مقصد جا آهي. 24 مارچ 1882ع ۾ ڊاڪٽر رابوٽ ڪاڪ ٽي بي جو جرثيم مائڪروبيڪٽرزم ٽيوبرڪلوسز دريافت ڪيو ان کان پوءِ هڪ سؤ سال کان پوءِ انٽرنيشنل يونين اگينسٽ ٽيوبرڪلوسز ۽ لنگ ڊزيز جيڪا سڄي دنيا ۾ ٽي بي پاليسي ناهيندي آهي انهن فيصلو ڪيو ته هاڻي کان هرسال 24 مارچ تي ڊاڪٽر رابوٽ ڪاڪ جي ياد ملهائڻ لاءِ ورلڊ ٽي بي ڊي ملهائينداسين. تنهنڪري 24 مارچ 1982ع کان هر سال اسان ورلڊ ٽي بي ڊي ملهائيندا آهيون. جنهن ۾ سيمينار، پريس ڪانفرنس، واڪ ۽ ٻيا پروگرام ڪندا آهيون. هي پروگرام دنيا جي 206 ملڪن ۾ ملهايو ويندو.

ڪيڊڻ ۾ واپاري احمد کتي کان ڦر ٿيل رقم ڊرامائي انداز ۾ واپس

ڪيڊڻ(رپورٽر: محرم علي ملاح) ڪيڊڻ شهر جي واپاري احمد کتي کان هٿيارن جي زور تي ڦر ٿيل رقم ڊرامائي انداز ۾ واپس ٿيڻ جون خبرون عوامي پريس ڪلب تان هلڻ ڪانپوءِ، ڪيڊڻ پوليس خاڻ پوري ڪرڻ لاءِ رڻ ٻاري ڇڏيو ڪيڊڻ شهر مان واپاري خيرمحمد خاصخيلي جو پٽ گرفتار ڪرڻ خلاف خاصخيلي برادري جي لکانو خاصخيلي خالد حسين خاصخيلي علي نواز خاصخيلي ۽ ٻهمي چوڪ تي احتجاج ڪري ڪيڊڻ ڏيپلو مين روڊ بند ڪري ڇڏيو احتجاج ڪندڙن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ايس ايڇ او ڪيڊڻ ونگار وهي رهيو آهي اسان شريف شهري واپاري آهيون اسان ٿاڻي تي رياسين ته ايس ايڇ او اسان سان ڳالهائڻ لاءِ تيار نه هو اسان جي ڇوڪري کان بي گناه جانچ وٺڻ لاءِ بدين روانو ڪيو ويو آهي جيستائين ڇوڪرو واپس نه ايندو تيستائين احتجاج جاري رهندو ۽ روڊ نه کوليو ويندو

دريا خان مري واسي مسي برادري پاران احتجاج

نوشهروفيروز(رپورٽر) نوشهروفيروز ۾ دريا خان مري واسي مسي برادري جي ماڻهن جو وياجي وڏيري غلام رسول ٻگٽي جي ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ ميڊيا اڳيان داتهيندي چيو ته وڏيري غلام رسول ٻگٽيءَ مون کي بنا ڪنهن جواز جي پڪڙي تشدد ڪيو ۽ مون تي چوري جو الزام هنيو جنهن منهنجي کيسي ۾ پيل سامان ۽ روڪ رقم پنج هزار روپيا به ڪڍيا ضروري ڪاغذات به کڻي ويو آهي هن چيو ته وڏيري جي ته. بلال ملڪ تي بيهي وڄ ته مون کان چوري جو سامان ورتو آهي نه ته توکي ۽ گهر ڀاتين کي جاني مالي نقصان ڏيندس هن مطالبو ڪيو ته وياجي وڏيري غلام رسول ٻگٽي جي ظلمن کان بچايو وڃي ۽ ٿيل تشدد جي جاچ ڪري انصاف ڏياريو وڃي

ٽنڊو محمد خان: آل سنڌ روينيو ايمپلائز ايسوسيئيشن پاران انڊس اسپتال انتظاميا خلاف احتجاج

ٽنڊو محمد خان (۾ مظفر علي بروهي) آل سنڌ روينيو ايمپلائز ايسوسيئيشن پاران انڊس اسپتال انتظاميا خلاف چيئرمين پير فيصل جان سرهندي ، ضلعي صدر سارنگ شاه ، جنرل سيڪريٽري بابو رزاق پٽي ، محبوب نوتڪاڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ انڊس ميڊيڪل ڪاليج اسپتال گيٽ سامهون مين حيدرآباد بدين روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي انهي موقعي تي مظاهرين کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته انڊس ميڊيڪل ڪاليج ۽ اسپتال جا انتظامي نظام انتهائي خراب بڻيل آهن علاج واسطي ايندڙ غريب مسڪين مريضن کي لٽڻ سان گڏ ماتيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو ويندو آهي ته ٻي پاسي وري اسپتال ۾ ايندڙ مريضن جون ٻاهر بيٺل موٽر سائيڪلون به آساني سان چوري ٿي وينديون آهن اسپتال اندر لڳل تمام سي سي ٽي وي ڪيمرا ڪم ڪري رهيا آهن پر افسوس مين گيٽ تي لڳل ڪيمرائون ناڪارا بڻيل آهن ۽ هتي موجود سيڪورٽي گارڊ به ننڊ ستل آهن جنهن ڪري چور آساني سان پنهنجو ڪم ڪري هليا ٿا وڃن ڪجهه ڏينهن پهرين روينيو ملازم بابو رزاق پٽي جي گاڏي اسپتال مان چوري ٿي وئي آهي ان طرح ڪيتري ئي ٻين ماڻهن جو گاڏيون چوري ٿيڻ روز جو معمول بڻجي چڪو آهي مظاهرين انڊس ميڊيڪل ڪاليج انتظاميا سميت ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته اسپتال جو نظام بهتر بڻائي مين گيٽ تي لڳل سي سي ٽي وي ڪيمرائون بحال ڪري چوري ٿي ويل موٽر سائيڪلون واپس ڏياريون وڃن ٻي صورت ۾ آل سنڌ روينيو ايمپلائز ايسوسيئيشن سڄي سنڌ اندر احتجاجي تحريڪ هلائيندو

ٽنڊو محمد خان مان پوليس 3 اهلڪارن کي منشيات جي الزام ۾ گرفتار ڪري ورتو

ٽنڊو محمد خان) ۾ مظفر علي بروهي(ٽنڊو محمد خان مان پوليس 3 اهلڪارن کي منشيات جي الزام ۾ گرفتار ڪري ٽنڊوالهيار اي سيڪشن پوليس حوالي . خبر موجب ٽنڊو محمد خان مان پوليس سنيپ چيڪنگ دوران سادن ڪپڙن ۾ 3 اهلڪارن کي مبينه طور منشيات سميت گرفتار ڪري ورتو . گرفتار ڪيل 3 اهلڪار منور مستوئي ، انيل ميگهواڙ ، اڪرم لنڊ کي گرفتار ڪرڻ ڪانپوءِ ٽنڊو محمد خان مان ٽنڊوالهيار جي اي سيڪشن پوليس حوالي ڪيو ويو آهي . گرفتار ڪيل پوليس اهلڪار منشيات ٻي ضلعي ۾ منتقل ڪرڻ دوران گرفتار ڪيا ويا . ڊي آئي جي حيدرآباد جي نوٽيس وٺڻ ڪانپوءِ ٽنڊوالهيار پوليس گرفتار ٿيل ٽنهي اهلڪارن کي ٽنڊوالهيار جي اي سيڪشن ٿاڻي تي پوليس لاڪپ ڪيو ويو آهي . سندن خلاف ڪا به ايف آءِ آر داخل ٿي نه سگهي آهي . ذريعن موجب ڊي آئي جي حيدرآباد جي ورتل نوٽيس ڪانپوءِ ٽنڊوالهيار جي ايس ايس پي ابريز عباسي پوليس لاڪپ ڪيل اهلڪارن خلاف جانچ ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي جنهن ۾ هڪ اهلڪار فرار پڻ ٿي ويو آهي . جڏهن ته ٽنڊو محمد خان پوليس اهلڪارن جي گرفتاري مبينه طور منشيات جي برآمد جي تصديق ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي . پوليس جو چوڻ آهي ته اسان کي ڪا به معلومات نه ملي آهي . جڏهن ته معلوم ٿيو آهي ته گرفتار ٿيل ٽن اهلڪارن ۾ هڪ فرار ٿي ويل اهلڪار جي خلاف ٽنڊوالهيار ۾ ايف آءِ آر داخل ڪئي ويندي پر ان کان اڳ ڊي آئي جي حيدرآباد کي ايس ايس پي ٽنڊوالهيار جي رپورٽ بعد ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي .

خانپور ۾ مجلس وحدت المسلمين پاران يوم القدس ريلي

خانپور (عتيق ابڙو) مجلس وحدت المسلمين پاران يوم القدس ريلي ڪڍي وئي، ريلي جي شرڪاءَ پاران آمريڪا ، اسرائيل مرده آباد، مظلوم فلسطين زنده آباد جي نعريبازي ڪندا رهيا تفصيل موجب خانپور ۾ مجلس وحدت المسلمين ضلع شڪارپور صدر زوار اصغر علي سيٽار، طاهر سيٽار، مولوي ديدار علي قريشي، شيعه اڳواڻ علام اويس چانڊيو، ڊاڪٽر غلام اصغر مگڪهار ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ جمعي نماز کان بعد حسيني مسجد کان پريس ڪلب تائين يوم القدس ريلي ڪڍي وئي ريليءَ ۾ سوين ماڻهن شرڪت ڪئي ريلي ۾ شرڪاءَ پاران نعريبازي ڪئي وئي اسرائيل مرده آباد، آمريڪا مرده آباد مظلوم فلسطين زنده آباد ريلي ۾ اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته بيت المقدس مسلمانن جي پاڪ ڌرتي آهي جنهن تي آمريڪا جي مدد سان اسرائيل قبضو ڪري ويٺل آهي ۽ مظلوم فلسطينين جي مٿان ظلم ڪري رهيو آهي هن جو چوڻ هو ته القدس کي اسرائيل کان آزاديءَ تائين جنگ جاري رهندي آخر ۾ فلسطينين جي حمايت ۽ اسرائيل ۽ آمريڪا جي بربادي جي لاءِ دعا گهري وئي.

اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو پاران سول اسپتال مڪلي جو دورو

ٺٽو(رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر منور عباس سومرو جي خصوصي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر ٺٽو رضوان عالم شيخ سول اسپتال مڪلي جي ايمرجنسي وارڊ جو اوچتو دورو ڪري مريضن کي فراهم ٿيندڙ طبي امداد ۽ ٻين سهولتن جو جائزو ورتو هن ميڊيڪل اسٽور جو معائنو ڪري دوائن جو رڪارڊ پڻ چيڪ ڪيو جڏهن ته اسپتال ۾ صفائي سٿرائي تي اطمينان جو اظهار ڪندي موجود ڊاڪٽرن ۽ عملي کي هدايت ڪئي ته عوام خاص ڪري غريب مريضن کي بهتر طبي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. اسسٽنٽ ڪمشنر حاضري رجسٽر پڻ چيڪ ڪيو جڏهن ته 3 ڊاڪٽرن جي غير حاضري تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي سندن خلاف ضروري ڪارروائي لاءِ رپورٽ سول سرجن کي موڪلي ڇڏي. هن چيو ته فرضن ۾ غفلت ڪندڙ ڊاڪٽر ۽ ملازم ڪنهن به رعايت جا مستحق نه آهن. هن چيو ته عوام کي صحت جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ ضلعي انتظاميه جي اولين ترجيحات ۾ شامل آهي—

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر اعجاز مهر
روزاني سنڌيار ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۾ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۾ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671
sindhyarnews@gmail.com